# تبديليءَ جو پنڌ

(جيون سفر)



گيتا سنڌي

دلت آواز پبليڪشن

# تبديلي جو پٿر

(جيون سفر)

RADHAN VILLAGE

ليکڪ: گيتا سنڌي

"دلت آواز" پبليڪيشن

چيلهار - ٿرپارڪر - ٢٠٠٨ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڀ حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | تبديلي جو پٿر |
| ليکڪ: | گيتا سنڌي |
| ڇاپو : | پهريون |
| تعداد : | پنج سئو |
| قيمت: | ٣٥ رپيا |
| سال: | ٢٠٠٨ع |
| ٽائيٽل لي آئوٽ: | حاڪم علي لغاري |
| ڪمپوزنگ : | غلام علي پٽي |
| ڇپائيندڙ: | "دلت آواز" پبليڪيشن ڇيلهار ٿرپارڪر |
| ڇپيندڙ: | دعا پبليڪشن حيدرآباد- ٠٣١-٣٣٠٥٢٤٦٦ |

هي ڪتاب " دلت آواز " پبليڪشن ڇيلهار ٿرپارڪر پاران، دعا پبليڪشن حيدرآباد مان ڇپرائي ڇيلهار مان پڌرو ڪيو ويو.

# سٽاءُ

عورت هڪ مظلوم ذات
منهنجو نِنڊيپڻ
زيادتي جا واقعا
سهري جون حرڪتون
سماج ۾ تبديلي جو اڄلايل پٿر
پريمي جوڙا
مڱڻي
خط
ٽيليفون تي ڳالهه ٻولهه
ملاقات
شادي
شادي جي پهرين رات
ساهرن ۾ زندگي جي شروعات
ويس ۾ تبديلي ۽ ماٽهن جو احتجاج
ڪارو ويس
احتجاج
ڇوڪريءَ، مان ڇوڪرو بڻجڻ
گهر مان ٻاهر نڪرڻ
پيش ايندڙ واقعا
احتجاج بابت اطلاع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نانءُ
انساني برابري
۽ آزادي کان محروم
انهن سڀني مائرن ۽ ڀينرن جي نانءُ،
جن جي
ڏکن، سورن، پيڙن ۽ پوڙهائپ
مون کي
پنهنجو جيون سفر
"تبديلي جو پنڌ"
لکڻ تي مجبور ڪيو.

**گيتا سنڌي**

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



پاڪستان جي عظيم عورت اڳواڻ ۽ انساني حقن جي علمبردار عاصمہ جهانگير، جيڪا پاڪستان ۾ جمهوريت جي بحالي، آئين جي بالادستي ۽ قانون جي حڪمراني قائم ڪرائڻ ۽ پڻ انساني حقن جي عالمي منشور تي عمل ڪرائڻ لاءِ ڏينهن رات جاکوڙي رهي آهي، اڄ سندس ڪاوشن ۽ ڪوششن سان هيومن رائيٽس ڪميشن آف پاڪستان جو پڙاڏو عالمي سطح تي گونجي رهيو آهي.

( گ س )

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪردار ڪڏهن به لکندا ناهن ؟!

عورت پڃري ۾ قيد ان پکي وانگر آهي، جنهن کي توهان جيترو وڏيڪ پيار ڏيندو اوترو ئي هو توهان سان وڌيڪ محبت ڪندو. بشرطيڪ ڳالهه ۾ خلوص ۽ نيت، ۾ سچائي هجي ۽ پوءِ جڏهن توهان طوطي کي پڃري مان باهر ڪڍي آزاد ڪري ڇڏي ڏيندا. ته اهو هيڏانهن هوڏانهن گهمي ڦري شام جو واپس ان پڃري ۾ اچي آڪيرو اڏيندو ۽ انهيءَ طوطي کي آزاديءَ دوران جيڪڏهن باهر ڪنهن به غير ماڻهو ڪيس پڪڙڻ ۽ جهلڻ جي ڪوشش ڪئي ته ساڻس وڙهندي ۽ محبت سان ننهنن سان نونگون هٽندي به دير ڪونه ڪندو.

اسان ٿورو سوچڻ گهرجي، ته جڏهن هڪ پکي پيار ڏيڻ سان ايڏو وفادار ٿي سگهي ٿو ۽ ڏٽي ڪان سواءِ ڪنهن غير ماڻهو کي ويجهو اچڻ به نٿو ڏي، ته پوءِ اسان کي عورت جهڙي هن عظيم هستي تي شڪ نه ڪرڻ گهرجي ۽ اسان کي پکي مان سبق پرائڻ گهرجي. پيار ڏيڻ سان جيڪڏهن هڪ پکي غير ماڻهو کي نٿو سهي، ته پوءِ عورت جهڙي وجود ڪان پاڪ پويتر هستي هڪ غير ماڻهو کي ڪيئن ٿي پنهنجو ڪري سگهي؟! ابولي جيو ۽ سمجهو انسان ۾ ڏينهن رات جو فرق آهي. توهان صرف پيار ڏيو ۽ بدلي ۾ وفاداري ۽ محبت وٺو.

مون هن ڪتابڙي ۾ جيڪي به پاڻ سان پيش ايندڙ زيادتي جا واقعا ۽ جيون جون درد ڪٿائون بيان ڪيون آهن، اهي سڀ پيار ۽ محبت جو نتيجو ئي آهن. سمنڊ جهڙو گهرو ۽ اٿاهه پيار، جنهن ۾ منهنجي ور مون کي ٻوڙي ڇڏيو آهي ۽ هاڻي منهنجي دل ۾ اهڙي ڪابه ڳالهه باقي نه بچي آهي، جيڪا مون دولت ٽري کي نه ٻڌائي هجي. شڪر گذار آهيان دولت ٽري جي، جنهن مون کي جيئو ۽ جيئڻ ڏيو جو حق ڏنو آهي ۽ سرداري نظام وانگر قتل نه ڪيو آهي. اڄ جيڪڏهن آئون ڪنهن وڏيرڪيءَ سرداري رکندڙ"اناڙي" جي گهر ۾ هجان ها ۽ پنهنجي پيار ۽

ڏک سور جون سڀ ڳالهيون سٺايان ها. تہ شايد هن کان اڳ ۾ ڪٿهوڪي ڏاڍي بي دردي سان قتل ٿي چڪي هجان ها. عرض رکجي تہ سماج ۾ تبديلي جي اچلايل پڙ وانگر مذڪوره هن ڪتابڙي جي سيني تي چٽ مون چٽيا آهن. گل مون پوريا آهن. باقي گلن ۾ رنگ ۽ پرت، منهنجي پياري ور دولت ٿري پريو آهي، ڇاڪاڻ تہ دولت ٿري چواڻي، "تہ ڪردار ڪٿهن بہ لڪندا ناهن." آئون سندس تورا زندگي ڀر بہ ڪونہ لاهي سگهنديس.

ٿورا مرَ ٿورا، مون تي ماروئڙن جا
ٿر ۾ واري ٿورڙي اٿهان ٿي گهٽيرا
پلايون ۽ پيرا، ڳتي ڳٽينديس ڪيترا (شاھ)

سائين گوبند راءِ چيلاڻي مطابق، مذڪوره هن ڪتاب ۾ ادبي بولي جي سخت اڻاٺ، سادي منظر نگاري، شديد رد عمل، ڌهراءُ جي گهٽائي ۽ مضبوط تسلسل جو نہ هجڻ سميت بيون بہ ڪيتريون ئي ڪچايون ۽ ڦڪايون رهجي ويون آهن. جنهن لاءِ آئون معزز پڙهندڙن کان معذرت ڪندي اميد رکان ٿي، تہ توهان مذڪوره ڪتاب متعلق پنهنجي قيمتي راين ۽ تجويزن کان مون کي ضرور آگاهہ ڪندا.

تاريخ: پهرين اپريل 2008ع

سدائين گڏ

**گيتا سنڌي**

چيلهار - ٿرپارڪر - سنڌ

# عورت هڪ مظلوم ذات

جيئري جڳن ڪان مهراڻ ماتري جي مظلوم ذات. جيڪا ڪڏهن ڪاري ٿي ڪُسجي آهي، تہ ڪڏهن ظلم جي گهاڻن ۾ پيسجي آهي. ڪڏهن پنهنجن گهرن ۾ برقا پائي هلي آهي، تہ ڪڏهن مردن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي هلي آهي. ڪڏهن ٻُڪايل، بگهڙن جي ٻڪ جو گرهہ ٻڻجي آهي، تہ ڪڏهن وحشي درندن هٿان ظلم، جبر ۽ بربريت جو شڪار ٿي آهي. اها مظلوم عورت جيڪا ماءُ جي روپ ۾ ممتا آهي، تہ زال جي روپ ۾ جيون ساٿي آهي. ڀيڻ جي روپ ۾ پيائپي آهي، تہ محبوبہ جي روپ ۾ محبت آهي. پر اهائي مظلوم عورت، جنهن جي وجود ٿي هي سڄي سرشٽي هلي رهي آهي، جنهن جي وجود ڪان سواءِ سنسار سڄو بي معنيٰ آهي. اها مظلوم عورت جيڪا ڪائنات جي ڪل تخليق جو عظيم سرچشمو آهي، اهائي عورت جنهن جي وجود ۾ ئي گهرو سمنڊ سمايل آهي جنهن جي دل درياءُ آهي، اهائي عورت جيڪا تخليق جو بنيادي ڏاڪو آهي. جنهن جي سونهن ۽ سوڀيا مهراڻ کي بہ معطر ڪريو ڇڏي. عورت اها عظيم هستي آهي، جنهن جي شان ۾ لکڻ لاءِ مون وٽ لفظ ئي نہ آهن. اها مظلوم عورت جنهن کي ڪڏهن ست قرآن برابر نياڻي سمجهيو ويو، تہ ڪڏهن ڪيس گيتا جهڙو اعليٰ ۽ اتم درجو ڏنو ويو. پر اڄ اهائي عورت پنهنجي آزاديءَ لاءِ سڪي رهي آهي، تڙپي رهي آهي، ڦٿڪي رهي آهي. اٽڻ ويهڻ، گهمڻ ڦرڻ ۽ ڳالهائڻ جو حق گهري رهي آهي. آزادي جو حق گهري رهي آهي. جيئو ۽ جيئڻ ڏيو جو حق گهري رهي آهي. انساني برابري جو حق گهري رهي آهي، لکڻ ۽ پڙهڻ جو حق گهري رهي آهي. ڏسڻ ۽ ٻڌڻ جو حق گهري رهي آهي، کائڻ ۽ پيئڻ جو حق گهري رهي آهي. عزت ۽ احترام جو حق گهري رهي آهي. پيار ۽ محبت جو حق گهري رهي آهي. امن ۽ شانتي جو حق گهري رهي آهي. عدل ۽ انصاف جو حق گهري رهي آهي. آئيني، قانوني ۽ انساني حق

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهري رهي آهي. پر اڃ ڪير آهي، انهيءَ مظلوم عورت جي دانهن ٻڌڻ وارو؟! مرد ڏسن ٿا، تہ جيڪڏهن عورت کي آزاديءَ ڏني سين تہ پوءِ اسان جي حڪمراني ۽ حڪومت ختم ٿي ويندي ۽ پوءِ عورت ۽ مرد ۾ ڪو بہ فرق باقي نہ بچندو. آئون هن دو رنگي دنيا جي اها مظلوم ذات آهيان، جنهن جي حقن تي ڌاڙا ڪو اڄ ڪالهہ نہ لڳا آهن، پر منهنجي درد ڪٿا ايتري پراڻي آهي، جيترو هن ڌرتي تي منهنجو وجود پراڻو آهي. مذهبي ڪتابن ۾ مون کي ست قرآن ۽ گيتا جي برابر درجو حاصل آهي ۽ مذهبن جا پوئلڳ بہ مون کي زباني ۽ ڪهاوت ۾ ايتري ئي اهميت ڏين ٿا، پر آئون توهان کي ٻڌائيندي هلان، تہ جن مذهبن مون کي قرآن ۽ گيتا جو درجو ڏنو آهي، انهن ئي مذهبن جي اوتارن منهنجي حقن تي ڌاڙا بہ هنيا آهن. ڪاري قرار ڏنو آهي، جيئن مون پهرين ذڪر ڪيو، تہ منهنجي حقن تي ڌاڙن جي تڏهن کان شروعات ٿي، جڏهن کان هن ڌرتي تي منهنجو وجود عمل ۾ آيو آهي. ڪاروڪاري جي رسم ڪو اڄڪلهہ جي ڪونهي، اها هن ڌرتيءَ تي جڳن کان هلندي پئي اچي. جيئن چون ٿا، تہ هندو مذهب دنيا جو قديم ترين ۽ پراڻو مذهب آهي ۽ دنيا بہ هن جي ايتري اصليت کان ڪان انڪار ڪونهي، سو آئون ثبوت طور ۽ مذهبي ڪتابن جي چوڻ ۽ لکڻ آذار هندو مذهب جي حامين کي ٻڌائيندي هلان، تہ شو ڀڳوان بہ پنهنجي زال کي شڪ جي نگاهہ سان ڏسي ۽ پڻ ڪيس ڪاري قرار ڏيئي سندس پٽ گڻيس کي ڌنش باڻ سان قتل ڪري سندس سسي سئيوجن وجي پري اڇلائي هئي. مذهبي ڪتاب لکن ٿا ۽ پڻ ڏند ڪٿائن موجب تہ شو ڀڳوان پاران تپشيا خاطر هماليہ جبل تي وڃڻ کان پوءِ ۽ ڪافي سالن تائين واپس نہ موٽڻ تہ سندس پتني(زال) پاروتي ديوي گره ۾ اڪيلي ٿيڻ تي، ڀڳوان کان سوال ڪري، پنهنجي بدن جي ميل(مير) جون ڪو ڪڙيون ناهيندي انهي مان گڻيس کي پيدا ڪيو هو. شو پاران گڻيس کي قتل ڪرڻ کان پوءِ پاروتي دانهون ڪيون، تہ شو متس ڪارپ/ڪارنهن جو الزام لڳايو، پاروتي چيو، تہ اهو ڀڳوان جي قدرت ۽ ان جي ڪڙا آهن. آئون هڪ پتورتا ناري آهيان ۽ ڪڏهن غير مرد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏانهن نهارڻ جو سوچي بہ نٿي سگهان!.... شو ڀڳوان.... توهان گڻيس جي جسم ۾ بدن کي ڏسو. جيڪڏهن هن ۾ هڪڙي بہ هڏي هجي تہ آئون ڏوهہ جي ڏوهاري آهيان. پاروتي جي اسرار تي شو ڀڳوان ڏٺو تہ واقعي گڻيس جي بدن ۾ هڪڙي بہ هڏي موجود ناهي. تنهن تي شو ڀڳوان مٿل گڻيس کي پنهنجي ڪردار سان هڪدم جيئرو ڪيو ۽ بعد ۾ جهنگ مان هاٿي کي ماري سندس سونڊ وٺي اچي، گڻيس جي سسي جي جاءِ تي لڳايو ۽ پوءِ پاروتي کي چيائين، تہ اڄ کان پوءِ تنهنجي پٽ گڻيس جو جُڳا جُڳ نالو قائم رهندو ۽ ماڻهو سڀ کان پهرين تنهنجي پٽ جي شيوا ڪندا. جيڪا اڄ ڏينهن تائين ٿيندي پئي اچي.

شو ۽ پاروتي جي سمي ختم ٿيڻ کان پوءِ هندن جي چوويهين ۾ آخري اوتار شري رامچندر بہ پنهنجي زال سيتا تي پڻ لنڪا جي راجا راوڻ سان ڪارنهن/ ڪاري جو الزام مڙهيو هو ۽ بعد ۾ ڪيس پنهنجي شهر ايوڌيا نگري مان ئي نيڪالي ڏيئي ڇڏي هئي. رام جي زال سيتا کي رام جو ڀاءُ لڇمڻ گهاٽي جهنگ ۾ بن ۾ اڪيلي ڇڏي آيو هو ۽ بعد ۾ رشين منين جي هڪ وڏي جرڳي ۾ ستي سيتا پاڻ کي باهہ جي ناهيل هڪ وڏي چکيا جي حوالي ڪيو. ڀڳوان جي ڪرپا سان ستي سيتا پاران باهہ مان صحيح سلامت نڪري اچڻ کان پوءِ رام ڪيس سويڪار(قبول) ڪيو هو. واضح رهي تہ لنڪا جي راجا راوڻ پاران جوڳي جي ويس ۾ سيتا کي اغوا ڪري کڻي وڃڻ کان پوءِ هڪ مها ڀينڪر يُڌ ۾ رام راوڻ کي ڌنش باڻ هڻي ماري ڇڏيو هو.

مذڪوره ٻنهي واقعن مان ظاهر آهي، تہ ڪاروڪاري جهڳڙا ڪڏا. واقعا ۾ عورت جي مظلوميت ڪيتري پراڻي آهي. آئون مرد حضرات کي گذارش ٿي ڪريان، تہ اهي رام ۾ شو وانگر عورتن تي اجايا شڪ نہ ڪن. پهرين پنهنجو پاڻ ڏي ڏسن، هٿ جي پنجن آڱرين مان جيڪڏهن هڪ آڱر عورت ڏانهن اشارو ڪري ٿي، تہ باقي چار آڱريون خود توهان پاڻ ڏانهن اشارو ڪري رهيون آهن. تہ توهان پاڻ وري ڪهڙا چڱا آهيو. جو اسان تي آڱر کڻون ٿا؟ ڏينهن جو توهان ٻين جون مائرون ۾

پيٽون تڪيون تا ته رات جو توهان پنهنجن مائرن ۽ پيٽين کي تڪيندا وجو. ڇاڪاڻ ته مائرون ۽ پيٽون سيني کي هڪ جهڙيون پياريون آهن. انهيءَ سلسلي ۾ آئون عورتن کي به گذارش ڪنديس، ته اهي پنهنجو ور ڇڏي، ٻئي وٽ نه وڃن ۽ پتورتا ناري جو ثبوت ڏين. مڙس هڪڙو ئي ڪرڻ کپجي ۽ جهن سان توڙ نڀائڻ گهرجي. ٻر، در جون نوڪرون ڪائڻ ۽ طلاق ونڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي. مڙس جيڪڏهن توهان کي حق ۽ سچ جو ڇئي تو ته پوءِ توهان بلاشڪ ان جو چيو مڃي انهيءَ جي دل کي نه رنجايو. هڪ ٻئي جي چوڻ ۾ هلو. هڪ ٻئي عزت ۽ احترام ڪريو. ماٺهو نه ڪلايو. هڪ ٻئي جو چيو نه مڃڻ ۽ جهيڙا جهڳڙا ڪرڻ سان مسئلا وڌندا. پاڙي جو ماحول خراب ٿيندو. مردن کي به گهرجي ته اهي بهانا بنائي عورت کي مارڪٽ ڪرڻ کان پاسو ڪن. عورت جي هر جائز خواهش پوري ڪن. ڪيس آئيني، قانوني ۽ انساني حق ڏين. برابري جو درجو ڏين. غيرت ۽ شيطان جي گهوڙي تي سوار ٿيڻ کان پاسو ڪريو. عورت وانگر صبر ۽ تحمل کان ڪم وٺو. عورت ٻئي وٽ وڃي ٿي، ته توهان کي غيرت اچي ٿي ۽ توهان(مرد ) ٻئي عورت وٽ وڃو تا ته عورت کي غيرت نٿي اچي. اچ ڏينهن تائين اسان مان ڪنهن به اهو نه ٻڌو آهي، ته عورت ڪڏهن غيرت ۾ اچي پنهنجي مڙس کي قتل ڪيو هجي؟ پر انهيءَ عيوض مرد حضرات هزارين، لڪين بلڪه ڪروڙين عورتن کي"ڪاري" ڄاڻائي قتل ڪري چڪا آهن ته پوءِ عورتن کان وڌيڪ ته مرد"ڪارا" آهن، جيڪي هميشه وحشت ۾ پريا پيا آهن. سڀ مرد به خراب ڪونهن ۽ نه ئي سڀ عورتون ستيون آهن. پر جتي شرافت جو ناجائز فائدو وٺندي عورت سير ٻٽيل آهي، ته اتي"غيرتي" مرد سوا سير ضرور آهن. نمبر ٻي ڳالهه ته مردن جي غيرت صرف ۽ صرف عورت لاءِ استعمال ٿئي ٿي. پر سنڌ توڙي ملڪ جي ٻين مسئلن تي مردن جي غيرت ڪڏهن نند مان سجاڳ ئي نٿي ٿئي ۽ عورت تي وري اوجاڳو ڏسڻ لاءِ به تيار آهي. حيف هجي اهڙن مرد حضراتن کي.... ۽ جيڪڏهن منهنجي نظر ۾ عورت مرد کي غيرت ۾ اچي قتل ڪري ته پوءِ پاڻ ويچاري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيڏانهن وڃي؟ نه گهر نه تڙ، نه ڏٽي نه سائين مرد ته پڪل ماني جا پياساءِ ٻُڪيا آهن، ڪڏهن پڇائي ڪائين ته ڪيس خبر پوي. ويچاري عورت جنهن جو نه مائٽن ۾ گهر ۽ نه ساهرن ۾ گهر. مائٽن ۾ بابا جو گهر ۽ ساهرن ۾ وري مڙس جو گهر. منهنجي نظر ۾ عورت جو هن دنيا ۾ گهر صرف ۽ صرف رڌڻو ۽ چونرو آهي. جڏهن ته هن جو بيو گهر وري هن جي قبر آهي.

سدائين مرد عورتن جي حقن جي ڳالهه ڪن ٿا ۽ ڏاڙو به پاڻ هٿن ٿا. عورتن جا مسئلا ۽ فيصلا، ڪن وري مرد، اهو ڪٿان جو انصاف آهي. منهنجي نظر ۾ هر ماڻهو پوءِ اهو مرد هجي يا عورت، پنهنجي ذاتيءَ نجي زندگي ۾ پنهنجو فيصلو ڪرڻ جو پاڻ مجاز ۽ خود مختيار آهي ۽ اهو هن جو آئيني ۽ قانوني حق آهي. اسان جو مردانو سماج جيڪڏهن ايترو نتو ڪري سگهي، تڏهن به گهٽ ۾ عورتن جا فيصلا عورتون ڪن ۽ مردن جا فيصلا مرد يا ماڳهين ٻئي ڄڻا ڪوبه فيصلو وغيره هڪ ٻئي جي گڏيل رضامندي سان ڪن، جيڪو وڌيڪ مضبوط، جٽادار ۽ پائيدار ٿي سگهي ٿو، ڇاڪاڻ ته عورت ۽ مرد هڪ ئي گاڏي جا ٻه ڦيٿا آهن، ته هڪ ڦيٿو جيڪڏهن ڪمزور هوندو، ته ماڻهو ڪڏهن به پنهنجي منزل تي پهچي ڪونه سگهندو. جيئن مون پهرين ذڪر ڪيو ته عورتن جي حقن جون ڳالهيون ۽ ڪن وري مرد. مون کي ڏاڍو افسوس ٿئي ٿو، جيڪي عورتن جي حقن جون ڳالهيون ڪن ٿا ۽ واڳون وارا ڳوڙها ڳاڙين ٿا، اهي اندر جا هڪڙا ۽ ٻاهر جا ٻيا هوندا آهن، جيئن هاتي جا ڏند کائڻ جا هڪڙا ۽ ڏيکارڻ جا ٻيا هوندا آهن. ايئن اهي مرد حضرات به اندر ڪارو ڪانءُ ۽ ٻاهر ٻولي هنجهه جي هوندا آهن. سڀ آڱريون برابر ناهن، تڏهن به اڄ ڏينهن تائين جن به مرد حضراتن عورتن جي حقن ۽ آزادي جي ڳالهه آهي، انهن ڪڏهن به پنهنجن عورتن کي آزاد ڪونه ڏني آهي ۽ سدائين ڪيس رڌڻي ۽ گهر ۾ قيد ڪري ٻار ڄڻن جي مشين طور استعمال ڪيو آهي. مائٽن کي خبر ڪونهي، ته ارباب غلام رحيم ۽ علي قاضي جي گهر واريءَ جو نالو ڇا آهي؟ مرد حضرات نجي ٿي وي

اسٽيشن جا مالڪ ٿيا آهن، سنڌ ڌرتي جا مالڪ ٿيا آهن، اخبارن جا مالڪ ٿيا آهن، انساني حقن ۽ قانون جا ادارا هلائين ٿا. پر صرف منهن ۾ موسيٰ ۽ اندر ۾ ابليس. منهن ۾ رام رام ۽ بغل ۾ ڇُري نجي ٽي وي اسٽيشنون، جن جي پروگرامن ۽ ڊرامن ۾ سڀ ٻاهريون عورتون ڪم ڪنديون آهن. (بلاشڪ ڪن ۽ سنڌن حق بہ آهي) پر جيڪي چئنلن ۽”ادارن“ جا مالڪ هوندا آهن، انهن جون پنهنجون عورتون ڪڏهن بہ ڪم ڪندي ڪونہ ڏسبيون آهن. شايد ايتريون چالاڪ ۽ هوشيار ڪونہ هونديون آهن يا ماڳهين هر ڪنهن جي دل ۾ غيرت جو جن ۽ ڀوت لڪيو وينو هوندو آهي. توهان هر هنڌ جو معائنو ۽ مشاهدو ڪري ڏسو خبر پوندي تہ تقريبن سيني”ادارن“ ۾ توڙي شهرن ۾ ڪم ڪندڙ عورتون آزاد گهمندڙ(ڪم سانگي) سڀ عورتون وچئين ۽ هيٺئين طبقي سان واسطو رکن ٿيون. ڪنهن بہ نامياري ماڻهو جي عورت آزادي سان گهمي ڦري نٿي سگهي، سواءِ رڏٽي ۽ باٿ روم جي. آئون سيني تي الزام ڪونہ ٿي مڙهيان، پر تڏهن بہ ڪانءَ جتي ڪٿي ڪارا آهن ڪجهہ ڏينهن اڳ جي ڪاوش جي خبر آهي، تہ هڪڙو سردار وزير پنهنجي گهر واريءَ ڪي پارليامينٽ جي اجلاس ۾ وٺي آيو ۽ جڏهن ميڊيا جا نمائندا سنڌس فوٽو وغيره ڪڍڻ لاءِ آيا تہ هن سيني نمائندن کي فوٽو ڪڍڻ ۽ انٽرويو ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. اهڙا سردار ۽ وزير جيڪي عورتن کي برابري جا حق حاصل هئڻ جون ڳالهيون ڪن ٿا، انهن جي ڳالهين تي وري ڪيئن ڀروسو ڪجي؟ جيڪي پنهنجي گهر واري جي تصوير کي اخبار ۾ اچڻ عيب سمجهن ٿا. اهي وري عورتن کي ڪهڙا آئيني ۽ قانوني حق ڏيندا ۽ ڏياريندا؟

سو اها عورت سدائين صدين ۽ جڳن کان مظلوم ۽ هيٺي رهي آهي. وقت ۽ حالتن سان گڏ پنهنجي جاءِ تي ڪافي تبديلي آئي آهي، پر اڃان بہ عورت کي مرد برابر حق ملڻ لاءِ صديون کپن. جنهن لاءِ اسان ٻنهي(عورت ۽ مرد) کي وڏي جاکوڙ ۽ جدوجهد ڪرڻي پوندي. حق پنهي نہ پر ڇني وٺڻ جي اصول تي عمل ڪرڻو پوندو. پرامن احتجاج ڪرڻو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوندو. عملي تحريڪ هلائڻي پوندي. آئين ۽ قانون تي سختيءَ سان عمل ڪرائڻو پوندو. پر جيڪڏهن اسان پنهنجي ۾ ايتري جرئت ۽ سگهه نه آهي، ته اجان به هڪ سادو فارمولو آهي، ته اسان هڪ ٻئي جي حقن ۽ فرضن جو خود پاڻ خيال ڪريون. پنهنجن ذهنن ۽ دلين کي گندين، بيهوده ۽ غليظ سوچن کان پاڪ ڪريون، ٻه ته پارنهن ٻنجون. هڪ ٻئي کي آزادي ڏيون، آئين ۽ قانون تي خود ئي سختي سان عمل ڪريون. ننڍي کي پيڻ ۽ وڏي کي ماءُ سمجهون. غيرت جي جن ۽ ڀوت کي بوتل ۾ بند ڪري ڇڏيون. هڪ ٻئي کي برابري جي بنياد تي حق ڏيون. پنهنجين غلطين جو پاڻ اعتراف ڪندي خود جو احتساب ڪريون. اجاين شڪن، وهمن ۽ گمانن کان پاسو ڪريون. ٻيو ته ٺهيو، پر جيڪڏهن اسان(مرد ۽ عورت) هڪ ٻئي جي حقن ۽ فرضن جو برابري جي بنياد تي خيال رکون. جيئو ۽ جيئڻ ڏيو تي عمل پيرا ٿيون، تڏهن به پاڻمرادو هڪ وڏو انقلاب اچي سگهي ٿو. هڪ وڏي تبديلي اچي سگهي ٿي ۽ جنهن جو اسان ڪڏهن سوچي به نٿا سگهون، تصور به نٿا ڪري سگهون.

توهان کي خبر آهي، ته آئون به هڪ مظلوم عورت آهيان. مون سان به زندگي ۾ ڪيئي ويل وهيا آهن، ويڌن ٿيا آهن. ظلم ۽ زيادتيون ٿيون آهن. حقن تي ڌاڙو ۽ راتوها لڳا آهن. پر مون پنهنجي اُجڙيل زندگي کي ڪيئن آباد ڪري مثالي بڻائي آهي. پنهنجي پتي(مڙس) سان ڪيئن توڙ نڀايو آهي. پنهنجن حقن ۽ فرض کي ڪيئن پرکيو ۽ سمجهيو آهي ۽ اسان ٻئي ڄڻا (زال ۽ مڙس) ڪيئن"ايڊوانس" ٿياسين؟ ڪيئن پنهي ڄڻن لچڪ جو مظاهرو ڪري ڏيکاريو؟ ڪيئن اڄوڪي سماج جي گندين ۽ بيهوده ريتن رسمن کي منهن ڏنوسين؟ ڪيئن آئين، قانون ۽ انساني حقن جي عالمي منشور تي عمل ڪيوسين؟ اڄ ڪيئن آزاد ۽ خود مختيار زندگي گذاري رهيا آهيون؟ اچو ته آئون توهان کي ڄمڻ کان وٺي اڄ ڏينهن تائين جي پنهنجي سموري زندگي جي درد ڪهاڻي ۽ جيون ڪٿا کولي ٻڌايان.

پينگهي ۽ لوڏ کان سواءِ سمهندي ڪونه هيس. پوءِ سگهڙ عرف جيبو ۽ امان مون کي وڙهنديون هيون تہ چوري! سپاٽي هتي توکي ماٺهو پينگهن ۽ لوڏن ۾ لوڏيندا چا؟! ماٺ ڪري ڪڏ تي سمهي پئو ۽ لوڏ ۾ شني کي ٿا سمهاريون ۽ اهڙا بيا ڪوڙ سارا معصوميت جي ڏينهن وارا واقعا. هتي جيڪڏهن لکجن تہ هڪڙو پورو ڪتاب پرجي پوي. آخر ۾ آئون ماسي پڏ مان عرف پڏو کي ڪيئن وساريان جنهن سان گڏ آئون ننڍپڻ ۾ سدائين سمهندي هيس ۽ ڪاوڙجڻ تي رات جو ڪيس لتون هڻندي هيس.

## زيادتي جا واقعا

جنسي زيادتي، ڏاڍائي ۽ بدفعلي چا ٿيندي آهي؟ انهي جي وصف، جواب ۽ سمجهاڻي زيادتي جي شڪار ٿيل ڪوئي معصوم جواني ئي ڏيئي سگهي ٿي. چوندا آهن، پير هوندا اتي پٽر بہ ايندا. لسي هوندي اتي لوٿيون بہ ايندون ۽ اهڙو ڪوبہ وڻ ڪونهي جنهن کي هوا نہ لوڏيو هجي ۽ اڄڪلهہ جي زماني ۾ اهڙي ڪابہ عورت ڪانهي، جيڪا وحشي نظرن جو شڪار نہ ٿي هجي. ورلي ڪا اهڙي عورت هوندي، ورلي ڪا اهڙي معصوم ۽ ڪومل جواني هوندي، جيڪا ننڍپڻ کان وٺي الڙ جواني تائين وحشي درندن ۽ راڪاش جي رانيوٽن کان بچي هجي. آئون جيڪڏهن زندگي ۾ زيادتي جو شڪار نہ ٿي آهيان، تڏهن بہ وحشي درندن ۽ راڪاشن جي رانيوٽن کان بچي نہ سگهي آهيان. خبر ناهي اهڙن درندن کي چا تو ملي جيڪي پنهنجون پيٽون چڏي، بين جون پيٽون تڪين ٿا ۽ ور چڙهڻ تي ظالم راڪاش وانگر کايو بہ چڏين ٿا. آئون اهڙي وحشي درندن کي گذارش ٿي ڪريان تہ اهي بين جي مائرن ۽ پيٽن کي تڪڻ بدران پنهنجن مائرن ۽ پيٽن جي عزتن ۾ وجي هٿ وجهن. پوءِ ئي ڪيس خبر پوندي تہ ماءُ چا ٿيندي آهي؟ پرائي پيڻ چا ٿيندي آهي؟ عزت چا ٿيندي؟ حياءُ، لڄ ۽ شرم چا ٿيندي آهي؟ شرم تہ اسان جي ماستر(شايد نالو عبدالواحد مگريو پرائمري اسڪول نيباڙو بيڊو) کي بہ ڪونہ آيو، جڏهن هن مون ڪلہ دوران بين بارن کي روانو ڪري مون کي اسڪول ۾ روڪي چڏيو ۽ بعد ۾ منهنجي شلوار جي اڳٽ چوڙڻ جي ڪوشش ڪيائين ۽ منهنجي رڙين تي هن مون کي دايا، دڙڪا ڏيئي خاموش ڪرائي، پوءِ اسڪول مان باهر ڪڍيائين/موڪل ڏنائين ۽ اها زبان بہ مون اڄ پنهنجي پياري ور دولت تري اڳيان کولي آهي، جيڪو هڪ سچو صحافي هئڻ سان گڏ جنوني انساني حقن جو ڪارڪن پڻ آهي. ماستر جي زيادتي وارو واقعو مون کان وسارڻ کان بہ نٿو وسري ۽ شايد مون کي مرڻ کان پوءِ بہ ڪونہ وسرندو چاڪاڻ تہ جڏهن الله سائين انسان کي

آسمان تان لاهي زمين تي پهچائي ٿو ۽ استاد اهو آهي، جيڪو انسان کي وري زمين تان کڻي آسمان تائين پهچائي ٿو ۽ اڄ اهوئي استاد جيڪڏهن ٻارن کي پنهنجي اولاد وانگر پڙهائڻ ۽ پالڻ بدران ٢٤ ڪلاڪ پنهنجي ٽيبل ۽ ڪرسي جي پر ۾ بيهاري وحشي حرڪتون ڪري، ڳلن تي چڪ هڻي، ڇاتي تي ڇهنڊريون هڻي، ڀاڪرون وجهي چميون ڏئي، سچو ڏينهن پڙهائڻ بدران معصوم هٿڙا مهٽي، بدن تي هٿ گهمائيندو گهمائيندو نازڪ جاين تي هٿ گهمائي، سچو ڏينهن وحشي نظرن سان ڏسي ته پوءِ اهڙي استاد کي وحشي درندو ۽ راڪاش نه سڏجي ته ٻيو ڇا چئجي؟ اهو ماستر عبدالواحد جنهن پنهنجي پيغمبري پيشي کي لڄايو، جنهن ماڻهپي کي لڄايو، جنهن معصوميت کي لڄايو، جنهن کي اڄ ڏسي منهنجي اکين ۾ لوڻ پرجي ٿو ۽ اڄ آئون انهي استاد کي عزت ڏيڻ بدران نفرت سان ڏسان ٿي، ڇاڪاڻ ته اهو هڪ فطري عمل آهي. ڪالهه هن منهنجي معصوم عزت ۾ هٿ وڌا ۽ اڄ آئون هن کي سلام واريان.

اهو مارئي جو مرڪ ناهي. اهو ساڳيو استاد عبدالواحد جنهن بابت افواهه آهن ته، هن پنهنجي معصوم ڌيءَ جهنر کي "ڪاري" قرار ڏيئي قتل ڪيو آهي. گهٽا ڏيئي قتل ڪيل "جهنر" عمر ۾ مون جيڏي "ڪنواري" هئي. افواهه آهن ته جهنر پيٽ سان ٿي هئي. شايد اهو سنت تلسيداس جي ساکي آهي ته:

نـاري پـرائي نـاتـڪـو ، اپـنـي عـزت مت ڪو
پـر ڪـي جـو اپـنـي ڪـر ، اپـنـي پـر ڪـي هو "

"جهنر" کي قتل ڪرڻ جو واقعو مئي ۾ يا جون مهيني ٢٠٠٧ع ۾ پيش آيو. معصوميت ۾، ننڍپڻ ۾ ۽ الڙ جواني ۾ ڇاهي پوڙهپڻ ۾ ڪوبه زيادتي، ڏاڍائي يا ارهه زوراڻي جو واقعو پيش آيو هجي، اهو ڪڏهن به وسرڻو ناهي. پوءِ اهو ڪنهن مرد سان پيش آيو هجي يا عورت سان. معصوم ٻار سان پيش آيو هجي يا معصوم ٻارڙي سان. هونئن ته زندگي آهي ئي حادثن جو نالو ۽ منهنجي زندگي ۾ زيادتي جا جيڪي اوچتا حادثا پيش آيا آهن، اهي سڀ منهنجي لاءِ انوکا، درد ڀريا، پوائتا ۽ يادگار آهن ۽ اهي سدائين منهنجي اداس ۽ پٽڪندڙ روح کي ڇهنڊڙيون هڻندا رهندا. آئون اڃان معصوم ئي هيس، جڏهن ناناڻن ۾ آئون ۽ منهنجا ماما شڪتي ۽ موٽو پاڻ ۾ ڪنهن ڳالهه تي وڙهجي پيا هئاسين ۽ وڙهڻ دوران انهن آخر ۾ مون کي روئاڙي ڇڏي هئي. مون کي اڄ ڏينهن جهڙو چٽو ياد آهي، جڏهن منهنجي وڏي مامي امولڪ، شڪتي ۽ موٽو کي وڙهندي مون کي ڪوني وجهي چوڙري ۾ پاڻ سان گڏ سمهاري هئي ۽ پوءِ مون ۾ ڀاڪر وجهي پاڻ به گڏ ستو هو. ڇاهي بري نيت سان امولڪ ڀاڪر نه به

ڏسڻ دوران مون ڏانهن نهارڻ شروع ڪيو. ڪمري ۾ امان پريمي، مامو ڪيول، ڪاڪي راڌا ۽ ٻيا گهر ڀاتي ويٺا هئا. ڪنهن ٽائيم مون ڀاران نهارڻ تي هن مون کي اکين ۽ آڱرين جا اشارا ڀئي ڏنا. بار بار اکيون ڀڇڻ ۽ اشارا ڏيڻ تي آئون اٿي ٻاهر رڌڻي ۾ ويس، جتي مون ڏاڍيون زور سان رڙيون ڪيون، منهنجي رڙين تي امان، سگهڙ، ڪاڪي راڌا، مامو ڪيول ۽ ٻيا ڊوڙندا آيا ۽ ايندي شرط مون کان روئڻ ۽ رڙين جو سبب ڀڇيو. مون وراڻيو ته اندر جيڪو ڪاڪو موهنيو ويٺو آهي، اهو گهڙي گهڙي مون ڏانهن نهاري ڀيو ۽ اشارا ڀيو ڪري، تنهن تي امان، مامو ڪيول ۽ ڪاڪي راڌا انهي وحشي درندي کي گهٽ وڌ ڳالهايو ۽ مون کي آٿت ڏيئي ماٺ ڪرايائون، پر انهي وحشي بگهڙ جو جيڪو حشر ٿيڻ کپندو هو، اهو ڪونه ڪيائون. اهو درندو مرهينو جيڪو ڳوٺ ساهوساند ۾ وڏيري هارون جي پڙوت ڪندو آهي. هو وڏيري کان ڪئمنا ڀڙيون ۽ ٻيو سامان وٺي اچي پنهنجي گهر ۾ ڏيندو آهي. اجان مون وحشي ڪاڪي موهنيي مان جان ئي مس ڇڏائي، تيسين ڪاڪي راڌا وارن جو سڄاڻو امولڪ نالي هڪ راڪاش ڳوٺ تگوسر مان اچي اسان جي گهر پهتو (واضح رهي ته ميرپورخاص ۾ اسان ڪاڪي ڪلتار جي جاءِ ۾ اسان ۽ ڪاڪي تلوڪ وارا گڏ رهندا هئاسين ۽ ڪاڪو ڪلتار وري نوڪري سانگي نوابشاهه ۾ رهندا هئا.) شايد اهو امولڪيو به رنگ جو ڪم ڪندو هو. هڪڙي ڏينهن مون ڏبي سان ڀاڻي ڀئي ڀريو ته هن (امولڪ) مون کي چيو ته ڏبو مون کي ڏي، آئون وهنجان ٿو. مون جڏهن ڪيس ڏبو ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي، ته هن ڏبي کي هٿ ڏيڻ بدران سڌو منهنجي ٻانهن ۾ هٿ وڌو جنهن تي مون جلدي ۾ ڇڪي ڏيئي پنهنجو هٿ ڇڏايو ۽ وڃي ڪاڪي تلوڪ جي گهر واري ڪاڪي راڌا کي چيو / دانهن ڏني. تنهن تي ڪاڪي صرف ايترو وراڻيو، ته هن مُئي جي عادت آهي ئي اهڙي، تون وڏو پيٽ ڪري ويهي رهو. پوءِ ڪجهه ڏينهن کان پوءِ اهو وحشي درندو هليو ويو. امولڪيو وحشي درندو ويو، پر اڃا به اسان جي گهر ۾ هڪ ٻيو ٻڇڙو بگهڙ معصوم ۽ هنيلين هرڻين جي شڪار لاءِ آتو هو ۽ اهو وحشي راڪاش هو اسان جو مامو سروڻ. جڏهن اهو سروڻ موٽر سائيڪل تان ڪري ايڪسيڊنٽ يعني حادثي جو شڪار ٿيو هو، تڏهن هي اسان جي گهر ۾ سڄو ڏينهن کٽ تي بيمار ستو پيو رهندو هو. انهي وحشي بگهڙ هڪڙي ڏينهن مون کي چيو ته، گيتا آئون اوطاق ۾ سمهان ٿو طبيعت جي اُٻاڻي سبب تون روزانو مون کي صبح جو سوير اٿاريندي ڪر. چاڪاڻ ته مون کي مجبورن پيٽرول پمپ جي ڊيوٽي تي وڃڻو آهي. آئين ڪيس بيمار ۽ اڻ چاق مامو

سمجهي ڪيس روزانو اتارڻ ويندي هيس. ٻن ڏينهن کان پوءِ آئون جڏهن ٽئين ڏينهن اتارڻ ويس، ته هن مون کي زبردستي ٻانهن ۾ جهلي ڏاڍي ياڪر وڌي. مامي سروڻ ٻاران اهڙي وحشياڻي حرڪت ڪرڻ تي آئون پاڻ لڇي ٿي پنهنجي زور سان پاڻ کي ڇڏائي ڀڄي آيس ۽ وري ڪڏهن به ڪيس اتارڻ نه ويس. هي ان وقت جي ڳالهه آهي، جڏهن منهنجي ۽ منهنجي وڏي ڀيڻ سگهڙ جي مڱڻي به ٿيل هئي ۽ اسان ٻنهي ڀينرن جي مڱڻي ۲۵ جنوري ۲۰۰۴ع تي رات جو ٿي هئي. مامن جي اهڙين وحشي حرڪتن جي باري ۾ مون ڪڏهن به امان کي ۽ بابا کي ڪونه ٻڌايو. ڇاڪاڻ ته سروڻ ۽ لڇيت جي باري ۾ سوچيندي هيس، ته هي به منهنجا ڀائر آهن. ڏيون، دانش ۽ وقاص جهڙا. هي به اسان جي گهر ۽ اسان سان گڏ رهن ٿا. اسان جا ماما آهن ته امان جا ڀائر به آهن. اهڙيون ڳالهيون ڪرڻ تي امان ڇا چوندي؟ ڇوڻ جو مقصد پنهنجي عزت بچائڻ خاطر ۽ مامن کي ڀائرن برابر ۽ ڀائرن کان به وڌيڪ سمجهي ڪيس معاف ڪندي خاموش رهيس، نه ته اهڙا ماما ڪڏهن معاف ڪرڻ جهڙا ئي ناهن. ڇاڪاڻ ته هي ماما نه آهن، پر وحشي درندا ۽ بڪايل بگهڙ آهن، جيڪي ڪنهن به وقت شڪاري وانگر هيڪل هرڻي کي بيئل ڏسي تير يا گولي سان ڪيس ماريندي به دير ڪونه ٿا ڪن. آئون ڪيئن وساريان سياري جي شام جو اهو ڀڃاڙڪو ڀهر، جڏهن امان، ڀيڻ سگهڙ ۽ ٻيا گهر ڀاتي ڪمري ۾ ويهي ٽي وي ڏسي رهيا هئا ۽ هي مئو وحشي بگهڙ مامو سروٽيو (سروڻ) مون کي سڏي، زوري ڪٽ تي پاڻ سان گڏ ويهاري منهنجو هٿ پنهنجي نازڪ عضوي مٿان رکائي ٿو، آئون اهڙي وحشياڻي حرڪت تي تپي لال ٿي وڃان ٿي ۽ دل ۾ ڪيس بددعائون ۽ پٽڻا ڏيان ٿي ۽ انهي وقت منهنجي رڳ رڳ ۾ سروڻ خلاف نفرت جو رت ڊوڙڻ لڳي ٿو. سوچيان ٿي...... سروڻ جي ۽ مامن جي وحشياڻين عادتن کان آئون تنگ ٿي ويئي آهيان، ڪو احتجاج ڪريان، امان کي چوان، بابا کي چوان، سگهڙ کي چوان... ڪنهن کي چوان؟؟! ڇوڻ کان پهريان منهنجي عزت به آهي ۽ اهڙيون جيڪڏهن ڳالهيون ڪليون، ته پوءِ ماٺهو ڇا چوندا؟ منهنجا ساهرا ۽ منهنجو مڱيندو دولت ٽري ڇا سمجهندو جيڪو هڪ صحافي ۽ انساني حقن جو ڪارڪن پڻ آهي؟!!! چون ٿا ڏاڍو ڪڙڪ ماٺهو آهي، جيڪڏهن اهڙيون ڳالهيون ٻڌائين ته مون کي ڇڏيندي به دير ڪونه ڪندو.؟؟ سو سروڻ مامي ۽ لڇيت مامي رڳو مون هڪڙي سان اهڙيون گنديون ۽ وحشي حرڪتون ڪونه ڪيون آهن، پر منهنجي ٽولي جي ٻين هنيلين هرڻين کي به وحشت جا ٻاڻ هٽي گهايل ڪيو آهي. هڪ رات ڊڄڻي ڪومل هرڻي جيئن ئي ٻاڪولي مان ٻاهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نڪتي، تہ ٻاهر تاڙ ۾ بيٺل وحشي بگهڙ لڄپٽ ڪيس رانيوٽن سان گهايل ڪري اوطاق ۾ وٺي ويو. جتي وڃي هن پنهنجي بک جو گرهہ بڻايو. مون کي تہ اهڙا واقعا ڪڏهن وسرندا ئي ناهن. هر وقت منهنجي متي ۾ مغز کي پيا هٿوڙ هڻندا آهن. تہ اهڙي ظلم، جبر ۽ ڏاڍ خلاف احتجاج ڪر. پر آئون بيوس، مجبور ۽ لاچار نينگري ڇا ٿي ڪري سگهان؟ هڪڙو تہ اسان جي معصوم عزتن تي ڏاڙا لڳن. ٻيو تہ ٻڙڪ ٻاهر ڪڍڻ تي عزتون نيلام ٿين. ڪاروڪاري جا الزام لڳن. اهڙين حالتن ۾ ويچاري مظلوم عورت ماٺ ڪري نہ ويهندي تہ ٻيو ڇا ڪندي؟ لڄپٽ جهڙو جهنگل جو هڪ ٻيو وحشي درندو آهي سروڻ. جيڪو پڻ هڪ رات انهي ساڳئي ڪومل هرڻي کي پاڪولي ۾ ننڊ اگهور ۾ ستل ڏسي ڪائي ويو هو ۽ صبح جو اسان انهي معصوم هرڻي جو منهن ڇچريل ڏٺو هو. پر اسان شڪارين ڪان ڊڄل هرڻيون پنهنجا درد پريا داستان ۽ دانهنڙيون ڪنهن کي ڏيون؟! هتي هر ڪو هيڪل ۽ هنيلين هرڻين کي ڪائڻ لاءِ آتو آهي. روزانو ڪيتريون ئي مظلوم هرڻيون سماجي ريتن رسمن جي اڏين تي ڪسجن ٿيون. روز جيئن ٿيون ۽ روز مرن ٿيون. ڪهڙا ويهي آئون هتي واقعا درد لکان هتي تہ"هر شخص ڪهاڻي آهي، ڏک جي نہ ڪا پڇاڻي آهي." مون کي اڄ ڏينهن جهڙو چٽو ياد آهي، جڏهن اسان ٽوليءَ جون سيئي هرڻيون اونهاري جي لڪن ۾ لوساٽجي هڪ هنڌ ڪريون پيون هيون سين، تڏنهن اوچتو وحشي بگهڙ سروڻ اچي اسان مان هڪڙي چوٽي ۽ موٽي هرڻي جي ٽنگ ڇڪڻ شروع ڪئي هئي ۽ انهي هنيلي هرڻي کي بعد ۾ بک جو گرهہ بڻجڻ کان اسان جي وڏي ڀيڻ سگهڙ ڪيس بچايو هو. مون کي انهن سڀني وحشياڻين وارداتن سان گڏ اهو انوکو ڏينهن بہ ياد آهي، جڏهن هنيلين هرڻين جو شڪار نہ ملڻ خلاف بگهڙ سروڻ گهر ۾ اونائڻ شروع ڪيو هو ۽ سروڻ جي اهڙي اجائي ۽ وحشياڻي پونڪ خلاف هيڪل ڊڄڻين هرڻين ڪومل جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪندي پنهنجي ماءُ کي دانهن ڏني هئي ۽ پاڻ سان پيش ايندڙ واقعن کي بہ جيئن جو تيئن هڪ اگهاڙي سچ وانگر پيش ڪيو هو. جنهن تي هرڻين جي ماءُ وحشي بگهڙ کي تمام گهڻو گهٽ وڌ ڳالهائي ڪيس شرمندو ڪيو هو. پر سروڻ جيڪڏهن انسان هجي تہ ڪيس چوڻ جو متس اثر ٿئي، وحشي درندن، بگهڙن ۽ راڪشسن کي رڳو چوڻ مان ڇا ملندو؟ اهڙن کي تہ ڪهاڙي هجي، جيڪا سڌي مغز ۾ ڏني هجي. پريل بندوق هجي، جنهن جي گولي سڌي سيني مان لنگهائي هجي! پوءِ ئي ڪيس خبر پئجي سگهي ٿي، تہ معصومن تي ميري اک کڻڻ. هيڪل هرڻين سان ڏاڍائي ۽ زوري زيادتي ڪرڻ جو نتيجو ڪهڙو نڪري سگهي ٿو. بس! منهنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سروڻ، لجپت ۽ شڪتي مامن جهڙا ٻيا ماما ۽ اهڙا ماڻهو حيوان ٿي آهن، متس انساني چمڙي جو خالي کلسو آهي. هونئن بہ سياڻن سچ چيو آهي تہ ڪتو، ڪتنب جو ويري هوندو آهي. ماما سروڻ، لجا ۽ ٻيا نلهاءُ ناڻءُ جا انسان آهن، اندر جا ڪارا ڪتا آهن، وحشي بگهڙ آهن ۽ اهڙن وحشي بگهڙن کان هنيلين هرڻين کي... بس! خدا بچائي.!

سهري جون حرڪتون

ناناڻن کان ويندي مائٽن تائين جتي آئون وحشي درندن هٿان جنسي طور حراسان ٿيندي رهيس، اتي آئون ساهرن ۾ بہ بچي ڪونہ سگهيس. ٻيا وحشي بگهڙ تہ نهيو، پر منهنجو پنهنجو سهرو (رٽائرڊ سپروائيزنگ ٽپيداار واسديو) بہ مون کي دولت جي غير حاضري ۾ ٽيليفون ڪري دوستي رکڻ لاءِ تنگ ڪندو رهيو. ٽيليفون تي ٽپيدار پاران تنگ ڪرڻ تي مون ساري ماجرا کان دولت ٽري کي واقف ڪيو. جنهن ثبوت هٿ ڪرڻ لاءِ ٽپيدار جا ايندڙ سڀ ٽيليفون ٽيپ رڪارڊ ڪيا. جيڪي اڄ بہ اسان وٽ آن دي رڪارڊ موجود آهن. منهنجو سهرو مون تي روزانو ٽيليفونن تي هڪ هزار کان وڌيڪ روپيہ خرچ ڪندو هو. جنهن جي تقريبن پاڙي جي ڪافي ماڻهن کي خبر آهي. چاڪاڻ تہ آئون دولت ٽري جي صحبت ۾ اثر ۾ رهڻ کان پوءِ هڪ صحافي ۽ انساني حقن جي ڪارڪن بنجي چڪي هيس ۽ ڪابہ ڳالهہ پنهنجي دل ۾ رکڻ جي قابل نہ رهي هيس. ٽپيدار واسديو جون سڀ ڳالهيون "برا حراس" آئون ٽيليفون کي"فري هينڊ" ڪري ماڻهن کي سرعام ٻڌائيندي هيس، جيئن ماڻهن کي مون تي ڪوبہ شڪ باقي نہ بچي. ٽپيدار جي بہ ڪيس خبر پئجي وڃي، تہ هو ڪهڙي طبيعت جو مالڪ آهي ۽ گذريل ڏهن سالن کان پنهنجا گهر بار ڇڏي جهڏي ۾ ڇو رهائش پذير ٿي وينو آهي؟ جيلهار ۾ اچڻ کان پوءِ مون کي خبر پئي تہ دولت وارن جو گهر ڪيئن ۽ ڇو ڦٽو؟ جو هينرئي گهر جا سڀ ڀاتي وڻ وڻ جي ڪاٺي ٿجي ويا آهن. منهنجي مڙس جي پيءُ ۽ منهنجي سهري بابت پاڙي ۽ گهر وارن جو چوڻ آهي، تہ واسديو شروع ۾ ئي ڪجهہ اهڙي طبيعت جو مالڪ هو. پنهنجي زندگي ۾ پاڙي ۽ گهر وارن سان ڪڏهن بہ ڪونہ نهيو. شادي کان پوءِ منهنجي سس ڏيئا بائي کي هن ڪڏهن بہ تقريبن ڏهن کان وني پنجويهہ ٢٥ سالن تائين پنهنجي مائيٽاٽي ڳوٺ سيد غالب شاهہ نہ ڇڏيو. ڪيس پنهنجي ماءُ پيءُ جي مرڻ جي خبر بہ ڪافي عرصي کان پوءِ ملي هئي. ٽپيدار جو اولاد (ڇهہ چوڪر ۽ ٻہ ڇوڪريون) جڏهن جوان جماڻ ٿيا، تہ هن مارڪٽ ڪري پنهنجن وڏن ڇوڪرن (پريتم، دولت ۽ اشوڪ) کي گهران ڊوڙائي ڪڍي ڇڏيو. ڇوڪرن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي گهران ڪيڻ کان پوءِ جڏهن گهر کي"واندو" مليو. ته هن گهر ۾ وحشياڻيون حرڪتون ڪرڻ شروع ڪيون. دولت جي ٻن پينرن ۽ منهنجي ٻن نـٽن(جيڪي دولت کان ٻئي وڏيون هيون) کي جنسي طور حراسان ڪرڻ شروع ڪيو ۽ جڏهن سندس ٻئي نياڻيون چندرا بائي ۽ ساوي بائي ساٽس مزاحمت ڪنديون هيون. ته نشي ۾ اهو ذت تپيدار ڪيس سخت تشدد جو نشانو بڻائيندو هو. ٺري ۽ شراب جي موالي تپيدار. جنهن جي وحشياڻي تشدد ۾ منهنجي وڏي نٽان چندرا بائي پنهنجو دماغي توازن بہ وڃائي ويٺي آهي. جن کي ساهرن ۾ اڄ بہ ڪيس"چري چري" ڪري چوندا آهن. تپيدار ٻنهي نياڻين جي شادي بہ اوور ايج کان پوءِ ڪرائي هئي ۽ شادي ۾ ڪنهن کي اڃڻ ڪونہ ڏنو هو. ايستائين جو پنهنجن پٽن پريتم. دولت ۽ اشوڪ کي بہ ڪونہ اچڻ ڏنائين. منهنجي سس ڏيئا بائي کي سڄي زندگي وحشياڻي تشدد جو نشانو بنائيندڙ منهنجو سهرو گذريل ڏهن ٻارنهن سالن کان منهنجن ٻن ننڍڙن ڏيرن آنند ڪمار ۽ ڪنول گل کي پاڻ وٽ جهڏي ۾ يرغمال بنائي وينو آهي. جيڪي ويچارا صرف ڇئن پنجن سالن جا هئا. تڏهن تپيدار ڪيس وٺي ويو هو ۽ جتي اطلاع آهن. تہ معصومن کي نشي ۾ ذت پيءُ ڏاڍو ماريندو آهي ۽ ويچارا تشدد ۾ پنهنجو هوش ۽ حواس بہ وڃائي ويهي رهيا آهن. پڙهائي جي بهاني يرغمال بڻايل منهنجن معصوم ڏيرن مان هڪ وڏو ڏير سريش ڪمار ڪجهہ سال پهرين هتان تپيدار جي تشدد مان تنگ ٿي ڀڄي آيو هو. جيڪو هينئر اسان وٽ ڇيلهار ۾ رهي پيو. نمبر ٻي ڳالهہ منهنجو سهرو واسديو تپيدار منهنجي جيٺ پريتم ڪمار ۽ منهنجي مڙس دولت ٽري جي شادي ۾ بہ ڪونہ آيو هو ۽ نہ ئي ڪيس شادي وغيره جو خرچ پکو ڏنائين. انهي کان اڳ ۾ ٨-٩ سال پهرين منهنجي مڙس دولت سندس پاءُ اشوڪ ڪمار منهنجي سس ۽ پاڻ سان ٿيندڙ تپيدار جي ظلم ۽ زيادتين ۽ پڻ پنهنجي پيٽن تي تپيدار جو ٿيندڙ جنسي ۽ وحشياڻو تشدد ڏسي. غيرت ۾ اچي جهڏي شهر ۾ وڃي تپيدار سان جهڳڙو ڪيو. هڪ ٻئي کي مارڪٽ ڪرڻ کان پوءِ تپيدار پنهنجي ٻنهي پٽن کي ٢ مئي ١٩٩٩ع تي رات جو جهڏي پوليس هتان گرفتار ڪرائي سخت ۽ وحشياڻي تشدد جو نشانو بنايو. بعد ۾ شهر جي معززين ياران وچ ۾ پوڻ کان پوءِ معاملي کي اتي ئي ختم ڪيو ويو. منهنجي سهري جي ظلم ۽ زيادتين جا جيڪڏهن هتي واقعا لکجن. تہ ڪتابن جا ڪتاب پرجي ويندا پر واقعا ڪندا ڪونہ.

# سماج ۾ تبديلي جو اڇلايل پٿر :

(الف) (پريمي جوڙا)

پيار جو پرٽو ڪندڙ پريمي جوڙائي پسند جي شادي ڪن ٿا ۽ انهن جي جرڪندڙ جذبن، سندر سپنن، حسين خيالن ۽ خواهشن، آئيني، قانوني ۽ انساني حقن اڳيان زماني جي ڪل خواري ڪابہ معنيٰ نٿي رکي، يعني زماني جي خواري سندس اڳيان واري جي ذري برابر بہ نہ هوندي آهي ۽ پوءِ هوش وجائي جوش مان ڪم وٺندڙ پريمي جوڙا جڏهن زندگي جي ڪنهن موڙ تي نازڪ نينهن جو ڪچو ڌاڳو ٽوڙي ويهندا آهن، پوءِ اهي نہ گهر جا رهندا آهن نہ گهاٽ جا. نہ دين جا نہ دنيا جا. ماڻهن جا مهڻا، لوڪ جون ننوليون ۽ چٿرون، پنهنجن جون ميارون ۽ ڏوراپا زندگي ۾ لڪيئي جو ليڪ بڻجي ويندا آهن. آئون ڪڏهن ڪڏهن سوچيندي آهيان تہ رت جي رشتن جو پرم ٽوڙي مائٽن ۽ عزيزن کي رسوا ڪري، جيڪي پريمي جوڙا پيار جو پرٽو ڪن ٿا، ڇا انهن جو اهو هوش وجائي جوش مان کنيل قدم ۽ نازڪ نينهن جو ڪچو ڌاڳو ايترو جٽادار ٿي سگهي ٿو. جيترو ڪنوار ۽ گهوٽ جي مرضي سان گڏ مائٽن جي مرضي شامل هئڻ سان ٿي سگهندو آهي. آئون ڪو پريمي جوڙن ۽ پيار جي پرٽن خلاف نہ آهيان، پر پيار ۽ پسند جي شادي ڪرڻ کان پهرين مائٽن جي مرضي معلوم ڪئي وڃي ۽ بنهي ڌرين جي رضامندي کان پوءِ ئي اهڙو قدم کنيو وڃي. انهي سلسلي ۾ آئون سماجي ريتن رسمن جي ٺيڪيدارن ۽ مائٽن کي پڻ عرض ڪريان ٿي، تہ اهي پڻ پنهنجي اولاد جي آئيني، قانوني ۽ انساني حقن جو خاص خيال رکن. پنهنجون خواهشون ۽ پنهنجون مرضيون ٻين تي نہ مڙهين. انهن کي پنهنجي پسند جي شادي ڪرڻ جو حق ڏين، آزادي سان، امن سان پيار ۽ پنهنجائپ سان ياٿيي ۽ برادري سان، انسانيت ۽ اخلاقيات سان هڪ ٻئي کي جيئڻ ۽ جيئڻ جو حق ڏيو. آئين، قانون ۽ انساني حقن جو نعرو بلند ڪريو ۽ توهان(مائٽ) جڏهن اولاد جي حقن ۽ مرضي کي مان نٿا ڏيو، تڏهن ئي پيار جي پرٽن جهڙن واقعا پيش اچن ٿا ۽ اهڙين حالتن ۾ پڇي وڃڻ کي پوءِ توهان سماجي ريتن رسمن جي خلاف ورزي ۽ غيرت جو نالو ڏيو ٿا. اسان سڀني کي جڏهن خبر آهي، تہ شادي ٻن دلين ۽ ٻن زندگين جي سودي جو نالو آهي ۽ شادي کان پوءِ گهوٽ ۽ ڪنوار کي ئي گڏ زندگي بسر ڪرڻي هوندي آهي، پوءِ اسان ڪير ٿيندا آهيون انهن جي زندگين، خوشين ۽ ٻن دلين جي وچ ۾ عمل دخل ڪرڻ وارا؟! بہ دليون ۽ بہ زندگيون، جيڪڏهن پاڻ ۾ خوش زندگي گذارڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چاهين ٿيون ۽ اسان وچ ۾ ٽنگ اڙائي انهي کي سماجي غيرت جو نالو ڏيون ٿا پوءِ اهڙا پريمي جوڙا پڇي وڃي ڪورٽ ۾ پسند جي شادي نه ڪندا ته ٻيو ڇا ڪندا؟ خودڪشيون نه ڪندا ته ٻيو ڇا ڪندا؟ آئون پريمي جوڙن کي به وينتي ڪريان ٿي، ته اهي پڻ رت جي رشتن، سماجي ۽ معاشي حالتن کي مدنظر رکي پوءِ ئي ڪو اهڙو قدم کڻن. باقي ڇڻن ڏينهن جي عارضي جسماني چسڪي خاطر هڪ ٻئي کي برغلائڻ، ننڍڙي گابي وانگر رانجيا ڪري ڀڄي وڃڻ، مائٽن جي دل آزاري ڪرڻ، اهو انسانيت ۽ اخلاقيات جي تقاضائن کي پورو نٿو ڪري. چوڻ جو مقصد، ته پريمي جوڙا مائٽن جي مرضي معلوم ڪن ۽ انهي سلسلي ۾ مائٽ به ايڊوانس ٿي اولاد جي پسند جو خاص خيال رکن ۽ ائين ٻنهي پاسن جي گڏيل رضامندي سان جيڪو به ڪم سرانجام ڏنو ويندو، اهو اوترو ئي مضبوط جٽادار ۽ پائدار ٿيندو. انهي ۾ ڳالهه صرف هڪ ٻئي جي آئيني، قانوني ۽ انساني حقن جو خيال رکڻ، انساني ۽ اخلاقي فرضن کي اوليت ڏيڻ ۽ گڏيل رضامندي کي شامل ڪرڻ آهي، ڇاڪاڻ ته ايترو ڪرڻ کان پوءِ گڏيل زندگي گذارڻ جو مزو ئي پنهنجو هوندو آهي.

(ب) مڱڻي:-

سو مون توهان کي پنهنجي مڱڻي ۽ شادي بابت ڪجهه ٻڌائڻ پئي چاهيو پر اوچتو جلندڙ جذبن تي قابو نه پائيندي سوچن جي ساگر ۾ گم ٿي وئي هئيس. خير اڃو ته توهان کي منهنجي شادي کان اڳ ۽ پوءِ واري دنيا ۾ وٺي ٿي هلان. هڪ اهڙي دنيا، جنهن ۾ آئين، قانون ۽ انساني حقن جو نعرو بلند ٿيو ۽ سماجي ريتن رسمن ۽ انهن جي نيڪيدارن کي مات ملي. جيئن ته منهنجي مڱڻي مائٽن جي پسند جي ۽ شادي منهنجي پسند جي ٿي هئي. توهان سوچيندا هوندا ته اهو وري ڪيئن؟ توهان کي خبر آهي، ته اسان هڪ اهڙي سماج ۾ رهون ٿا، جتي عورت جي آزادي ته پري رهي، پر مرد ماڻهو پڻ سماجي ريتن رسمن جي ٻنڌڻ ۾ اهڙا ته ٻڌل آهن، جو جيڪڏهن ڪير اسان جي اڳيان اچي آئين، قانون ۽ انساني حقن جي ڳالهه ڪري ٿو، ته اهو اسان کي اوپرو اوپرو ۽ آمريڪا جو ترڙيل انگريز محسوس ٿئي ٿو. شادي کان اڳ ۾ جڏهن مون کي آئيني، قانوني ۽ انساني حق مردن جي برابر مليا، تڏهن آئون عورت کي ايترا حق حاصل هئڻ جو ڏسي ۽ ٻڌي دنگ رهجي ويس. ڇاڪاڻ ته اهو ڪڏهن منهنجي تصور ۾ ئي ڪونه هو ته عورت کي به ڪڏهن مرد جي برابر حق حاصل آهن. هونئن به عورت منهنجي نظر ۾ مائٽن ۾ هوندي آهي ته ٦٠ پرهه جي ڪڌ ۾ ڪريل هوندي آهي ۽ جڏهن ساهرن ۾ ويندي آهي ته سڏي ١٠٠

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرھ واري اونھي ڪڏ ۾ بنھي پيرن سميت ھلي ويندي آھي. اھو ائين، تہ مائٽن ۾ ياءُ، پيءُ ۽ ڪاڪا وغيرہ ڪيس گھر ۾ يرغمال بڻائي رکندا آھن. جڏھن تہ ساھرن ۾ وري مڙس، سس، سھرو، ۽ ڏير وغيرہ مٿس ڪرڙي نظر رکندا آھن. جيئن تہ منھنجو تعلق دراوڙ طبقي جي ميگھواڙ برادري سان آھي ۽ ميگھواڙ برادريءَ جون ريتون رسمون بہ اھڙيون ئي آھن. جھڙيون تقريبن ٻين برادرين جون آھن. ٻين برادرين وانگر اسان جي برادري ۾ بہ پسند جي شادي ۽ پيار جو پرڻو ڪرڻ ڪي عيب سمجھيو وڃي ٿو ۽ جيڪڏھن ڪنھن بہ مرد يا عورت پاران پسند جي، آئين جي، قانون جي ۽ انساني حقن جي ڳالھہ ڪئي وئي تہ ائين سمجھو ڄڻ ھن اڻنگي سماج ۾ مردن جي غيرتي گھوڙي تي شيطاني پوت سوار ٿيو ھجي! حقن ۽ پسند جي ڳالھہ ڪئي. ڄڻ نانگ جي ٻر تي پير رکيو ۽ ککر کي ڪڙو ھنيو ھجي. اسان جي برادري جون سماجي ريتون رسمون پڻ (سرداري نظام تہ نہ پر) تڏھن بہ ڏاڍيون ڏکيون آھن. اسان ۾ شاديون، مراديون وغيرہ سڀ مردن جي مرضي مطابق ٿين ٿيون. مردن جي مرضي ۾ يا مردن جي ڪيل فيصلي ۾ عورت ڪڏھن بہ پنھنجو عمل دخل نہ ڪندي آھي ۽ نہ ئي ڪڏھن وچ ۾ ٽنگ اڙائيندي آھي. مرد جو ھر فيصلو عورت کي "مجبورن" پر ضرور مڃڻو پوي ٿو. چاھي برادري، ڪنھن معصوم کي اسي ھزارن عيوض پوڙھي سان پرڻائي يا ڪٿي ميٽرڪ پاس نينگري کي ڪاڪي يا مامي جي بدي ۾ ڏيئي ڪنھن واندي بند سان پرڻائي...... ۽ ڪڏھن اھڙين حالتن ۾ ڪرنور جي معصوم مارئي خودڪشي تي ڪري ڇڏي تہ ڪڏھن وري ساھو ساند جي پيٽ پڳواني وانگر اھو سڀ ڪجھہ لڪئي جو ليک سمجھي ۽ مائٽن جو من ۽ عزت رکي ريتن، رسمن کي قبول ڪري وٺندي آھي. دراوڙ طبقي سان گڏ اھا ھندو طبقي جي اھا مظلوم عورت ئي آھي، جنھن اڄ ڏينھن تائين پنھنجي پياري پتي ۽ مڙس جو نالو زبان تي نہ آندو آھي. ڪڏھن سھري، سس ۽ جيٺ جو نالو نہ ڪنيو آھي. ڪڏھن سس، سھري، جيٺ وغيرہ جي اڳ ۾ جُتي پائي نہ لنگھي آھي. ڪڏھن سس، سھري، جيٺ، مڙس ۽ ٻين گھرياتين ڪان اڳ ۾ ماني نہ ڪاڌي آھي. (مڙس جيڪڏھن گھر ڪان ٻاھر ھوندو آھي، تہ ويچاري دردن جي ماري ٿائيم ۽ اھو ماني جو ٽڪ تاري پوءِ ماني کائي ٿي.) گھر ۾ ڪڏھن پنھنجي پسند جو ڪپڙو انگ تي نہ اوڍيو آھي. ڪڏھن گھر ۾ پسند جو کاڌو بہ نہ کاڌو آھي. گھر ۾ بہ گاگھرا، گونگھٽ، برقعا ۽ پردا پائي ھلي ٿي. ڪڏھن مرد وانگر آزادي سان گھمي ڦري ناھي. ڪيس خبر ناھي تہ پاڙي ۾ گھر ۽ شھر ۾ دڪان ڪيترا آھن. گھر ۾ بہ ڪڏھن اگھاڙي منھن ھلي ناھي.

اگهاڙي منهن ڪنهن سان ڳالهايو ناهي. پنهنجي مرضي سان پڙهي نه سگهي آهي. پڙهڻ تي پڇي وڃڻ ۽ سياڻي نه مڃڻ جا ڪيس طعنا، تنڪا ملن ٿا. ڪڏهن اڪيلي گهر کان ٻاهر نه نڪتي آهي. گهمڻ ڦرڻ ته پري رهيو. هڪ اهڙي برادري هڪ اهڙو سماج، جنهن ۾ عورت کي نه لکڻ جي آزادي هجي، نه پڙهڻ جي نه اٿڻ جي آزادي هجي، نه ويهڻ جي، نه گهمڻ جي آزادي هجي نه ڦرڻ جي، نه پسند جي ڪپڙي پائڻ جي آزادي هجي، نه پسند جي کاڌي کائڻ جي نه پيار ڪرڻ جي اجازت هجي، نه پسند جي شادي ڪرڻ جي. چوڻ جو مقصد، هڪ اهڙو مردن جو سماج، جنهن ۾ عورتن کي ڪنهن به قسم جي آزاديءَ جو حق حاصل نه هجي ۽ عورت صرف ۽ صرف مرد جي رحم وڪرم تي هلي، پوءِ اهڙي اڏنگي، گندي ۽ برابري جي حقن کان وانجهيل مرداڻي سماج کي ٽانڊو ۽ تيلي نه ڏجي ته پوءِ ڇا ڪجي؟!! اهڙين ظالم ريتن رسمن کان بهتر آهي، ته ماڻهو پنهنجي دنيا ئي الڳ آبادي ڪري ۽ وسائي. جيئن دولت ٿري ۽ مون پنهنجو الڳ جهان آباد ڪيو آهي. هڪ ٻئي کي پيار مان(دوديو ۽ دودڪي) سڏيندي، جتي اسان سماجي ريتن رسمن سان بغاوت ڪري هڪ باغي ڪردار بنجي ويا آهيون، اتي اسان هڪ ٻئي سان نه رڳو پيار ۽ محبت ڪريون ٿا پر هڪ ٻئي جو حد کان وڌيڪ ادب، احترام ۽ عزت ڪندي، هڪ ٻئي کي "تونڪارو" به ڪونه ڏيندا آهيون. "تون" لفظ ڪڏهن اسان جي زبان تي به ڪونه ايندو آهي، هميشه هڪ ٻئي کي توهان سڏيندا آهيون ۽ اسان جي اهڙي عمل تي ماڻهو پريشان آهن. بيو ته مايوس ٿي خودڪشي ڪرڻ کان بهتر آهي، ته ماڻهو وقت ۽ حالتن جو مڙس ماڻهو ٿي مقابلو ڪري، ڇاڪاڻ ته چوندا آهن ته"مايوسي ڪفر" آهي ۽ خودڪشي حرام آهي.

آئون به هڪ اهڙي سنڌياڻي مظلوم ناري هيس، جيڪا هميشه مرداڻي سماج ۾ ظلم جي گهاڻي ۾ پيسجندي آيس. هن کان اڳ ۾ مون کي نه انساني حقن جي خبر هئي نه آئين جي ۽ نه ئي قانون جي ڄاڻ هئي، پر جڏهن کان منهنجي مڱڻي ٿي، تڏهن کان منهنجي زندگي ۾ تبديلي جو ڦيرو آيو آهي. اهو ٢٥ جنوري ٢٠٠٣ع تي آچر جو اداس ڏينهن هو. جنهن ڏينهن سامهي رات جو ١١ بجي منهنجي ۽ منهنجي وڏي ڀيڻ سگهڙ جي مڱڻي ٿي هئي. سو مون پهرين عرض ڪيو. ته"منهنجي مڱڻي مائٽن جي مرضي سان ٿي هئي ۽ شادي وري منهنجي پسند جي ٿي هئي." ٿيو ائين جو اسان ٻنهي ڀيڻن جي مڱڻي ڪرڻ وارا عمرڪوٽ شهر جا رهواسي ڪاڪو ساجن ۽ ان جو پٽ پڳونداس هئا. شروع ۾ مڱڻي جي ڳالهين دوران مون کي راڻا جاگير ۾ رڳهو ميگهواڙ جي پٽ گوپال

عرف گبو جي نالي ڪئي هئائون ۽ منهنجي وڏي ڀيڻ سگهڙ کي چيلهار شهر ۾ واسديو سپروائيزنگ ٽپيدار جي پٽ دولت ٽري جي نالي ڪئي هئائون. پر اوچتو مڱڻي ڪرڻ وقت سڄو سسٽم تبديل ڪري مون کي چيلهار ۽ ڀيڻ سگهڙ کي جاگير ڏنائون. بس! مردن جو فيصلو ڪيل هو. جيڪو اسان سيني کي مجبورن ۽ ضرور مڃڻو هو. چاڪاڻ تہ ماضي ۾ جيڪڏهن ڀيءُ پنهنجي نياڻي کي ڪنهن ڪتي پويان لڳائيندو هو. تہ بہ انهي کي وڄڻو پوندو هو. سو مڱڻي وقت اسان کي صرف شهر ۽ ڳوٺ جا نالا ٻڌايا ويا. باقي اسان کي اهو بہ نہ ٻڌايو ويو. تہ اسان جي ٿيندڙ ورن(مڙسن) جا نالا ڇا آهن. هو ڪهڙو ڪم ڪن ٿا؟ وغيره وغيره. ورن کي ڏسڻ ۽ پسند ڪرڻ تہ پري جي ڳالهہ رهي. سو اسان بہ سماجي ريتن، رسمن تحت پنهنجن اڻ ڏٺل ورن کي دل سان قبولي ورتو ۽ مڱڻي ٿيڻ کان پوءِ اسان جي سهيلين ۽ اسان جي مڱڻي ڪرڻ آيل ڪاڪي ميگهان. ڪاڪي جي شادي شده ڇوڪرين، ڪلڪو عرف سيتا زال پرت عرف پٽو(چيلهار) شانتي زال ڪمليش(چيلهار) ميگهان زال ساجن(عمرڪوٽ) کان پڇيو. تہ ڇوڪرا ڪهڙو ڪم ڪن ٿا؟ تنهن تي ڪاڪي ميگهان وراڻيو. تہ جاگير وارو اسٽور تي رهي ٿو ۽ چيلهار وارو ڇوڪرو اخبارون وڪڻي ٿو يا اخبارون لکي ٿو. ٻنهي جا سماچار ٻڌي دل ۾ ٿوري آنند مانڊ مچي وئي... تہ.... اسٽور تي رهي ٿو اهو ڪهڙو هوندو؟!..... اخبارون وڪڻي ٿو اهو ڪهڙو هوندو؟! تيسين ڀيڻ پڳواني مشڪري ڪندي، چيو تہ سائيڪل تي اخبارون وڪڻن ٿا اهڙو! رات جو وري ڪاڪي ميگهان کان پڇيم تہ، جاگير وارو ڪهڙو آهي؟ چيائين، اجان ننڍو آهي، رنگ جو گورو آهي. تيسين ڪاڪي ميگهان جي چيلهار مان آيل ڇوڪري شانتي چيو، تہ چيلهار وارو مون ڏٺو آهي، رنگ جو سانورو.... ڪارو... ڏند وڏا... صفا ٻڇڙو... شانتي جي ڳالهہ وچ ۾ ڪٽيندي ڪاڪي ميگهان جي وڏي ڇوڪري ڪلڪو عرف سيتا چيو تہ، ٻڇڙو ڪتي آهي؟ توکان ناهوڪو آهي. تون صفا ڪاري آهين، هو توکان وڌيڪ گورو آهي. منهنجو سڳو ڏير آهي ۽ ائين ڪندي سڀ سمهي رهيا. مون مڱڻي ٿيڻ کان پوءِ نپ ماني بہ ڪونہ کاڌي. اندر ۽ ٻاهر ويني رڳي رنس. سوچيم.... هتي ماٺهو الائي ڪهڙا هوندا ۽ مون سان ڪيئن پيش ايندا... ايترا ڏينهن امان ۽ بابا جي گهر رهيس.... هاڻي ڌارين جي گهر وڃان پئي.... خبر ناهي هتي ڇا ٿيندو ۽ ڇا نہ ٿيندو؟.... ۽ پوءِ سوچن جو اهو تسلسل مڱڻي کان وٺي شادي تائين جاري رهيو. روزانو دل ۾ ۽ من ۾ ساهرن متعلق ۽ پنهنجي متعلق نوان پيچ گهڙ ڪندي هيس، جيئن مڱڻي کان پوءِ عام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوڪريون ڪنديون آهن. مڱڻي جي بئي ڏينهن وري اسان ڪان رهيو ڪونه ٿيو ۽ اسان وري مانگين ڪان پڇيو، تہ چوڪرا ڪهڙو ڪم ڪن ٿا. پوءِ ڪلڪو چيو، تہ چيلهار وارو اخبارون وڪڻي ڪونہ ٿو، پر اخبارن ۾ رپورٽون هلائي ٿو ۽ اخبارون لکي ٿو. ڪلڪو جا اهي جملا ٻڌندي ئي پاڻ کي ڪجهہ مطمئن ٿيندي ڏٺم، تہ هو هاڪر نہ پر اخباري نمائندو آهي. خير ائين مڱڻي ٿيڻ ڪان پوءِ اسان جو جاگير ۽ چيلهار وارن سان نئون رشتو جڙي ويو. ڪجهہ ڏينهن ڪان پوءِ هڪ ٻئي کي ريتن رسمن مطابق"سنيالون" موڪليندا رهندا هئاسين. سنيالن ڪان پوءِ وري اهو رشتو(فون جي سهوليت هئڻ سبب) فونن ۾ تبديل ٿي ويو. هڪ ٻئي جا فون اچڻ ۽ وڃڻ ڪان پوءِ وري اهو رشتو خطن ۾ تبديل ٿي ويو ۽ خطن جي اچڻ وڃڻ ڪان پوءِ وري اهو رشتو هڪ ٻئي وٽ اچڻ وڃڻ ۽ ملاقاتن ۾ تبديل ٿي ويو. ملاقاتن ۽ اچڻ وڃڻ ڪان پوءِ مڱڻي وارو اهو رشتو شادي ۾ تبديل ٿي ويو ۽ شادي ڪان پوءِ اهو رشتو وري رت جي رشتن ۾ تبديل ٿي ويو ۽ هاڻي اهو رشتو جيئن جو تيئن جاري ۽ ساري آهي. الله سائين اسان جي رت جي رشتن جو شال پرم رکي ۽ اسان کي پڻ همت ۽ توفيق عطا فرمائي. (آمين)

(ث) خط:

مختلف وقتن تي دولت جا فون ۽ خط وغيره ايندا رهندا هئا. پر انهن فونن ۽ خطن ۾ ڪجهہ اهڙا اڻتر شامل هئا، جيڪي منهنجي سمجهہ ۾ معمولي ئي صحيح پر سماج ۾ تبديلي جو اڄليل پٿر ثابت ٿيا. مڱڻي وقت اسان کي خبر ڪونہ هئي، تہ دولت ٿري ڪو سدائين ڪارا ڪپڙا پائي ٿو، پر اڄ وڃ ڪان پوءِ خبر پئي تہ منهنجو مڱيندو دولت ٿري ڪارا ڪپڙا پائي ٿو. هڪ ڏينهن فون تي گفتگو دوران منهنجي وڏي ڀيڻ سگهڙ ڪانئس پڇيو، تہ توهان ڪارا ڪپڙا جو ٿا پايو ۽ اهي ڪارا ڪپڙا ڪڏهن لاهيندا؟ تنهن تي دولت ٺهہ پهہ وراڻيو، تہ منهنجي مرضي جهڙا پايان! سگهڙ پڇيو، تہ آئون جيڪڏهن چوان تہ لاهيندا؟ چيائين نہ. پڇيائين گيتا چوندي تہ لاهيندا؟ چيائين نہ. سوال ڪيائين، تہ جيڪڏهن بابا چوندو تہ لاهيندو؟ چيائين نہ... آئون هي ڪارا ڪپڙا مرڻ ڪان پوءِ بہ ڪونہ لاهيندس... منهنجي مرڻ ڪان پوءِ بہ ڪارا ڪپڙا مون سان گڏ هلندا. تنهن تي سگهڙ عرف جيبو چيو، تہ پوءِ تہ توهان برا آهيو!!! سگهڙ پاران ايترو چوڻ تي دولت ٿري ناراض ٿي ويو ۽ فون هيٺ رکندي شرط

پين ۽ پنو کڻي ڪاوڙ مان خط لکي اسان ڏي روانو ڪيائين. توهان به ملاحظه فرمايو:

چيلهار ٿرپارڪر
اڱارو ۷ مارچ ۲۰۰٦ع
پيارا......!!!
نمستي!

جي احوال ته ڪي ماڻهو تن جا ڪارا هوندا، ته ڪي وري من جا ڪارا هوندا آهن" ڪي ماڻهو ٻاهر جا ڪارا هوندا آهن، ته ڪي ماڻهو وري اندر جا اڇا هوندا آهن. ڪي ماڻهو اندر جا ڪارا هوندا، ته ڪي ماڻهو وري ٻاهر جا گورا هوندا آهن. ٻڌائي فرمائي ٿو ته......

اندر ڪارو ڪانءَ، ٻاهر ٻولي هنجهه جي،
اهڙو ٺلهو ٺانءَ، پڇي چو نه پورا ڪجي.؟

"توتان اوهين برا آهو...." توهان جو يا ڪٿي ڪنهن بئي جو. مون اڄ ڏينهن تائين پاءُ پاٽي به ڪونه ڦٽايو آهي، پوءِ آئون توهان جي نظر ۾ ڪيئن برو ٿي پيس؟ جا توهان گناتپي ڪئي آهي/ٻار ڏنو آهي/گيتا منهنجي نالي ڪئي آهي، انهي ڪري توهان اهڙا اوڪا/اوچا جملا/لفظ پيا اوڳاڇيو؟ توهان اڄ به ڪن ڪولي ٻڌي ڇڏيو، ته مون کي اهڙن رشتن جي ڪابه ضرورت نه آهي، جيڪي مون کي ڪارو گورو يا ڀلو برو چورائين! اها منهنجي مرضي آهي، ته آئون ڪارا پايان يا اڇا. اسان جيڪڏهن برا آهيون، ته دشمنن لاءِ، وڏيرن لاءِ ۽ اربابن لاءِ غريبن جا هڏ ڏوکي، همدرد ۽ يار آهيون. توهان جي گهر ۾ اجان مون پير ئي ڪونه رکيو آهي، ڪنهن کي اکين ڪونه ڏٺو آهي، انهي ڪان اڳ ۾ برا.... بس! لکيو منجهه نراڄ، قلم ڪياڙي نه وهي."

"هيرا ته ڏسوا، ڪنڪر نه هئو، هي وري نه ايندو وڻجارو،
ذات ڏسي پوءِ بات ڪريو، هي شور اجايو آهي پيارا."

دعائن ۾
دولت ٿري
ايڇ آر سي پي ٿرپارڪر

مذڪوره خط جڏهن اچي اسان جي گهر پهتو ته اسان پڙهي وائڙا ٿي وياسين ته هي ڇا؟! معمولي به جملا ۽ لفظ چونڊ تي ايڏي ڪاوڙ! اڳ ۾ اسان کي اهڙي خبر ڪونه هئي ته دولت ٽري اهڙو اٽل ارادن جو مالڪ ۽ پڪو اصولي آهي. اهڙي خبر هجي ها، ته اسان ڪيس هي به اکر چئون ئي ڪونه ها! خير ٻئي ڏينهن بابا به خط پڙهيو، خط پڙهندي شرط بابا پڇيو، ته هينئر هنن کي گهڻ وڌ ڪنهن ڳالهايو آهي؟ ۽ هينئر ئي ڇوڪري اهڙو خط ڪيئن لکيو آهي؟! آئون سندس مانگي ساجن جي پٽ ڀڳونداس عرف سيلو کي هينئر ئي فون ٿو ڪريان. تنهن تي سگهڙ بابا کي چيو، ته دولت کي اهي لفظ مون چيا هئا. توهان سيلو کي فون نه ڪريو ۽ پوءِ بابا واپس خط سگهڙ جي هٿ ۾ ڏيئي هليا ويا.

انهي کان پوءِ ڪجهه ئي ڏينهن گذريا، ته دولت ٽري جي "دلت - آواز" اخبار اچي اسان وٽ پهتي. پڙهي ڏاڍا خوش ٿياسين، سيني گهر وارن چيو ته سنو ۽ هوشيار ڇوڪرو آهي ۽ پنهنجي سندي اخبار ڪڍي اٿس. جاگير وارو ته الائي ڪهڙو هوندو؟ .... ۽ پوءِ واندي وقت ۾ مذڪوره اخبار کي آئون بار بار ويٺي پڙهندي هيس، جنهن تي ڪڏهن ڪڏهن سگهڙ مون کي سخت لهجي ۾ چوندي هئي، ته ڇوري توکي ٻيو ڪو ڪم آهي، پرت پريندي يا رڳو ويٺي اخبار پڙهندي؟!

ماڻهو به موسن وانگر بدلجندا رهندا آهن ۽ اسان جي جيڪا اڄ سوچ آهي، اها ئي سگهي سڀاڻي نه به هجي ۽ اسان جي سوچن ۾ ڦيرو اچي وڃي. هڪ عام ماڻهو جي ڀيٽ ۾ صحافين، انساني حقن جي ڪارڪنن، ليکڪن ۽ شاعرن جي سوچن ۾ وري ڏينهون ڏينهن تيزي سان تبديلي ايندي رهندي آهي. ڇاڪاڻ ته اهي سماج ۽ معاشري جي پيچ ڏاهه تي گهري نظر رکندا آهن. ائين ئي دولت ٽري کان به رهيو ڪونه ٿيو. تقريبن پنجن ڇهن مهينن بعد هن هڪ دفعو وري هڪ ٻيو ستن پنن تي مشتمل خط اسان کي ڏياري موڪليو. ميرپورخاص ۾ اسان گهر وارن کي خط ملندي شرط اسان جا حوصلا ئي خطا ٿي ويا ۽ مون جهڙي کي ڏنديـن آڱريون اچي ويون ۽ پڙهندي پڙهندي منهنجي پيرن هيٺيان زمين ئي نڪري وئي. سوچيم اهو ته اصولي ماڻهو اسان کي ڏاڍو ڏکيو پئجي ويو آهي. مون سميت سيني گهر وارن سوچيو ۽ هڪ ٻئي کان پڇيو پئي ته هاڻي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ پسند جي ڳالهه هنن پهرين ڇو ڪونه ڪئي؟ هينئر وچ سارڻ ۾ ڪيلي ٿا ڪڍن! خط پڙهي گهر وارا سيئي ٻڏتر جو شڪار ٿي ويا. ته هاڻي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ بابا خط پڙهي جهٽ ۾ سيلو کي فون ڪري عمرڪوٽ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان ميرپور گهرايو ۽ ايندي شرط سيلو جي هٿ ۾ خط ڏيئي چيائين پڙهه تـہ چوڪري ڇا لکيو آهي؟ ۽ جڏهن اهڙي ڳالهہ هئي، تڏهن تو اڳواٽ اسان کي ڇو ڪونہ چيو. اسان کي اهڙي خبر هجي ها، تہ اسان ڇوڪرين جي سوچي سمجهي ۽ ڏسي وائي پوءِ مڱڻي ڪرايون ها! اسان توهان تي اعتبار ڪيو هو ۽ اڄ اسان کي اهڙا خط اچي رهيا آهن! سيلو خط پڙهي چيو، تہ دولت هي صفا غلط لکيو آهي، آئون اڄ ئي ڇيلهار وڃان ٿو ۽ انهن کان پڇاڻو ڪريان ٿو؟ پر ٿي سگهي دولت کي ڪنهن پٺيون پڙهايو هجن يا ڪنهن ڇوريو هجي، تڏهن هن ڪنهن جي چوڻ تي لڳي اهڙو خط لکيو هجي، ڇاڪاڻ تہ پنهنجا سڄڻ ٿورا ۽ دشمن گهڻا آهن!! خير گهر جون ڳالهيون پنهنجي جاءِ تي جاري آهن، پر پهرين اچو تـہ توهان کي مذڪوره لکيل خط جيئن جو تيئن پڙهايان:

هريش ڪمار ۽ ٻيا گهر ڀاتيو!....

پيارا...!! سدائين سکي هجو.

چنچر/آچر ٢٣/٢٤ سيپٽمبر ٢٠٠٦ع ١٢:٥٥ اي ايم

خبر ناهي ڇو، اڄ نہ چاهيندي بہ ڪجهہ لکي رهيو آهيان. شايد انهي جي ڪري جو آئون هڪ هيومن رائيٽس يعني انساني حقن جو ڪارڪن آهيان صحافي پنهنجي جاءِ تي. اهو منهنجو هڪ انساني فرض آهي، تہ ڪنهن بہ انساني حقن جي خلاف ورزي جي نشاندهي ڪريان. جيئن ڪنهن بہ انسان جا جملي حق محفوظ رهي سگهن. پوءِ اهو ڪٿي امير هجي يا غريب، ڏاڍو هجي يا هيڻو، عورت هجي يا مرد، ٻار هجي يا ٻڍو وغيره وغيره. اسان وٽ جڏهن کان هن ڌرتي تي انسان جي ارتقا جو عمل شروع ٿيو آهي، تڏهن کان انساني حقن جي خلاف ورزي جو سلسلو بہ شروع ٿيو آهي. مطلب جيتري انساني ارتقا جي تاريخ پراڻي آهي، ايتري ئي انساني حقن جي خلاف ورزي جي تاريخ پراڻي آهي. آئون تہ چوان ٿو، تہ ڪنهن کي چورا چوڻ ۽ چڙب ڏيڻ بہ انساني حقن جي خلاف ورزي آهي. اسان جو اهو انساني فرض ٿئي ٿو، تہ اسان هر ڪنهن سان پيار ۽ محبت، ادب ۽ اخلاق، عزت ۽ احترام سان پيش اچون. هر ڪنهن کي آزاد ۽ خودمختيار زندگي گذارڻ جو حق ڏيون. ڪنهن جي زندگي ۾ عمل دخل نہ وجهون.

.... ۽ ها! پر اسان کي پنهنجا انساني فرض ياد ڪٿي آهن؟! اسان کي تہ اها خبر ڪونهي، تہ انساني فرض ۽ انساني حق آهن ڇا؟ اسان تہ هميشہ ٻين جي حقن تي ڌاڙا هنيا آهن. پنهنجون خواهشون ٻين تي مسلط ڪيون آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زندگين جا فيصلا ڪن؟ ڇا اسان پنهنجا فيصلا خود پاڻ ڪرڻ وارو حق محفوظ نٿا رکون؟! جيڪڏهن ها، ته پوءِ اهڙن نيڪيدارن کي قانون جي ڪنهڙي ۾ آڻي بيهارڻ گهرجي ۽ کين قانون مطابق سزا ڏيڻ/ملڻ گهرجي. ڇاڪاڻ ته هر ماڻهو کي آزادي سان زندگي گذارڻ جو حق حاصل آهي. هاڻي آئون چند سوال توهان جي خدمت ۾ عرض رکان ٿو ۽ پوءِ اهو فيصلو به توهان پاڻ ڪجو، ته هي اسان(گ ۽ د) جي جيڪا مڱڻي ٿي آهي، اها صحيح آهي يا غلط؟

سوال: ١ ڇا مڱڻي ڪرڻ وقت اسان توهان جا ۽ توهان اسان جا واقف هئا؟

سوال: ٢ ڇا مڱڻي ڪرڻ وقت گيتا جي مرضي معلوم ڪئي وئي يا ڪانئس پڇڻ کان سواءِ سندس مڱڻي ڪئي وئي؟

سوال: ٣ ڇا گيتا ڪڏهن مون کي ڏٺو آهي، جيڪڏهن اکين سان نه، ته پوءِ ڇا منهنجي تصوير ڏٺي آهي؟

سوال: ٤ ڇا گيتا مون کي پسند ڪري ٿي؟ ۽ ڇا آئون گيتا جي"جوڙ" جو آهيان؟

سوال: ٥ ڇا گيتا کي خبر آهي، ته آئون(دولت) ڪهڙو ماڻهو آهيان؟ واندو، واهيات، لوفر، لچو، انڌو، منڊو، لولهو، لنگڙو، پنگڙو، ڪاڻو، وغيره وغيره، سهڻو يا بدشڪلو، روزگار وارو يا بيروزگار ۽ منهنجي ساک پت ڪهڙي آهي؟

سوال: ٦ ڇا گيتا اڳي منهنجي واقف هئي يا مون کي پسند ڪندي هئي جو توهان ڪانئس بنا پڇڻ جي مون سان سندس مڱڻي ڪري ڇڏي؟

سوال: ٧ ڇا گيتا مڱڻي کان پوءِ راضي آهي؟ سندس ڪيفيت ڇا آهي؟ ڇا مايوسي، بيچيني، احساس محرومي ۽ احساس ڪمتري ۾ مبتلا آهي؟ ڇا توهان ڪڏهن گيتا جو چهرو پڙهي ڏٺو آهي، ته هن جو معصوم ۽ اداس چهرو توهان کان ڪيترا ۽ ڪهڙا ڪهڙا سوال پڇي رهيو آهي؟

سوال: ٨ گيتا توهان مائٽن کي پياري آهي يا ڪاري؟ جيڪڏهن پياري آهي، ته پوءِ سندس مڱڻي وقت توهان ڪانئس مرضي ڇو نه معلوم ڪئي؟

سوال: ٩ ڇا توهان گيتا کي پنهنجي پسند جو"ور" ڳولڻ/ڪرڻ جي اجازت ڏني؟

سوال: ١٠ ڇا توهان گيتا جي خواهشن، خيالن ۽ خوابن جو قدر ڪيو؟

اجان اهڙا بيا ڪافي سوال آهن، جيڪي به توهان لاءِ ڏيان طلب جا گهرجائو آهن، پر جيڪڏهن مٿئين سيني سوالن جا جواب توهان وٽ"نه" ۾ آهن، ته توهان پڪ ڄاڻو ۽ يقين ڪريو... ۽ ها! پڻ تسليم ڪريو، ته اسان انساني حقن جي خلاف ورزين ۽ قانون جا نه رڳو وڏا ڏوهاري آهيون پر معصوم گيتا جي خوابن، خواهشن، خيالن، سندر سوچن، حسين حسرتن ۽ معصوم

جذبن جا پڻ قاتل آهيون... ۽ ها! ايڏو وڏو ظلم توهان نه رڳو گيتا سان ڪيو آهي، پر ويچاري"سگهڙ" سان به ساڳيا ويل وهايا آهن.

ڇا توهان ڪڏهن اهو سوچيو آهي، ته ساهرن ۾ زندگي جا باقي ڏينهن سگهڙ ۽ گيتا ڪنيديون يا توهان ڪٽيندا؟ جيڪڏهن سگهڙ ۽ گيتا کي باقي ڏک ۽ سک پوڳڻا آهن، پوءِ توهان هرويرو هنن ويچارين جي زندگين جي فيصلن ۾ ٽنگون ڇو ٿا آڙايو؟ بنهي هٿن سان ڪٽي ڪڏ ۾ ڇو ٿا اڇلايو؟ توهان کي ذري جيترو احساس به ڪونهي. مجبون ٿا مائٽن کي اولاد جو احساس هوندو آهي، پر اهو صرف پڙيون ڪنمنا ۽ ٽرافيون وٺي ڏيڻ تائين. باقي زندگي جا سڀ"فيصلا" مائٽن جي رحم ڪرم تي هوندا آهن. بيو ته نهيو پر"شادي" جهڙا فيصلا به"جنس" جي ڪاروبار وانگر ڪيا ويندا آهن. شادي، جيڪا هڪ زندگي جو سودو آهي ۽ اهو سودو به سماجي ريتن رسمن جا نيڪيدار طئہ ڪندا آهن. جيئن هينئر پاڻ ۾ ڪيو ويو آهي. اڄ جڏهن آئون هي"احتجاجي" خط اوهان جي خدمت ۾ عرض رکي رهيو آهيان. تڏهن سوچان ٿو ته ڪٿي"دولت جي دنيا ۽ ڪٽي گيتا جوگيان ۽ ڪٽي وري سماجي ريتن رسمن جا نيڪيدار ۽ پينٽي پنٽيل"! بس!..... ڇا ڪجي؟!.. غزل جون چار چونڊ سٽون آهن ته:....

ماڻهو من جا ميرا آهن، جگر ڪارا جيرا آهن

ٿا دل کي دولت ائين لڳن، بندوق جا ڇڻ ڇيرا آهن.

... ۽ اڄ آئون هن غير آئيني، غيرقانوني ۽ غير انساني ڪيل "مڱڻي" تان احتجاج ڪندي استعيفيٰ ڏيان ٿو. هڪ اهڙي مڱڻي جنهن ۾ نه منهنجي مرضي شامل آهي ۽ نه گيتا جي مرضي شامل آهي. جڏهن اسان هڪ ٻئي کي ڏٺو ئي ڪونهي ۽ نه هڪ ٻئي جي تصوير ڏٺي آهي ۽ نه هڪ ٻئي کي پسند ڪريون ٿا ۽ نه ئي وري هڪ ٻئي جا واقف آهيون. پوءِ اها مڱڻي ڪهڙي ڪم جي، جيڪا سياڻي اسان تي اگريون ڪٽائي، انهي کان بهتر آهي، ته ماڻهو اڳواٽ استعيفيٰ ڏئي ڇڏي. جيئن ماڻهو ڪنهن جي سندر ساروڻين ۽ سپنن جو قاتل ته نه بنجي! خبر ناهي گيتا مون کي چاهي ٿي يا نه. هرويرو ۽ خوامخواهه آئون هن سان زوري زبردستي شادي ڪريان، اهو مون کي نٿو جڳائي. آئون انساني حقن Human Rights جو ڪارڪن آهيان ۽ انساني حقن جي اهڙي خلاف ورزي ڪرڻ جو آئون ڪڏهن سوچي به نٿو سگهان. توهان جي ڏارو ڪان وٺي سروڻ تائين ۽ ويندي ڏيون تائين پلي سڀ مون کي ڏسي وجن، پر اسان جو جهڙو حال هوندو، تهڙو پيش ايندا سين. باقي سونهن ته قدرت اسان کي ائين ڏني ڪونهي. اکيون ننديون، ڏند وڏا، نڪ ننڍو، چهرو ۽ ڳل سڪل جهڙو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏڪار سٽيل ڏوٽي هجي. توهان تي سگهي ٿي خوشنصيب هجو ۽ فطرت توهان کي سونهن ۽ سندرتا بخشي هجي. باقي مون جهڙو بدنصيب....

نام مونا درشن ڪوٽا ..... ميڊيا جو مشهور ماڻهو ۽ نالو هئڻ سبب ڪيترائي وڏ گهراڻن جا ماڻهو مون تي چنا عاشق ٿيا. پر روبرو ملڻ کان پوءِ مون انهن کي بيهوش ٿيندي پٺ تي ڇڙيون هڻندي ڏٺا. ڇاڪاڻ ته، نه آئون سهڻو هئس نه مون کي ڪاٺن جوڙو پاتل هو ۽ نه ئي وري راڊو ٻڌل هئي. آئون ته سادو سودو ماڻهو آهيان. "اسٽينڊر" مان ته ڪجهه ڇاٽان ئي ڪونه. اهو ڪارو وڳو. آليون اکيون ۽ آٺيا وار. بس! اهوئي منهنجي سڃاڻپ آهي. ڏارو، سروڻ ۽ ڏيون ته مون کي ڏسي ويا ساڄن ۽ ساڄن جو خاندان منهنجو اڳئي واقف هو/آهي. باقي هاڻي هريش، پريمي، سگهڙ ۽ گيتا توهان بچيا آهيو اڃا مون کي ڏسي وڃو. ڏارو، ڏيون، سروڻ، ڪٿي گهمڻ يا پنهنجي ڪم آيا هجن ۽ نه ئي ڪو آئون انهن جي اچڻ تي ناراض آهيان. پر منهنجو حال ۽ افعال ته ڏسي ويا آهن. باقي توهان وٽ اڄ ڏينهن تائين منهنجي گهر جو پڪي به ڪونه آيو هوندو. آئون اڄ به توهان کي دل جي گهرائين سان دلي دعوت ڏيان ٿو. توهان(هريش، پريمي، سگهڙ ۽ گيتا ) چيلهار اچي مون کي ڏسي، منهنجا واقف ٿي وڃو. ڇاڪاڻ ته توهان جو اڳئي اسان وٽ اچڻ وڃڻ آهي. باقي اسان جو اچڻ وڃڻ... الله خير ڪري ايئن نه ٿئي فون ڪريان ٿو... چوانس ٿو... هيلو... دولت ٽري بيو عرض ڪريان چيلهار مان... سروڻ گهر آهي يا فون نمبر وغيره.... هريش ڪمار فون ڪٽن ٿا ۽ چون ٿا..... سروڻ حيدرآباد ويل آهي... اسان وٽ هن جو ڪوبه فون نمبر وغيره ڪونهي... ۽ ائين ڪڙڪي سان فون بند ٿي وڃي ٿو. افسوس صد افسوس حال پڇڻ کان به ويا... فون چو ڪيم؟....!!! نچڻ کان پوءِ گونگهٽ ڪهڙو؟ خير هر ڪو مرضي جو مالڪ آهي حال پڇي يا نه پڇي، فون تي ڳالهائي يا نه ڳالهائي... بند ڪري ڇڏي يا.... جواب ڏي يا نه ڏي....!

مون کي ڏک اهو ڪونهي ته گيتا کي مون ڏني ڪونهي يا گيتا مون کي ڏنو ڪونهي، نه ئي هڪ ٻئي جا واقف ۽"جوڙ" جا آهيون ۽ نه وري هڪ ٻئي کي پسند ڪريون ٿا. پر انهي کان وڌ مون کي ڏک اهو آهي، ته اهڙين گندين ريتن رسمن ۽ انهن جي نيڪيدارن مان جان ڪيئن ڇڏائجي؟ اسان دنيا جو هر ڪم ڪار انهن جي مرضي تي ڪريون. پر شادي به هنن جي مرضي ۽ منشا موجب ڪريون؟ سياڻي اسان ٻنهي جي شادي ڪيتري جٽادار ۽ پائدار هوندي يا شادي کان پوءِ اسان هڪ ٻئي سان ڪيترو نڀائينداسين. انهي جي

ضمانت ڪير ڏيندو؟! انهي لاءِ بهتر آهي ته اجان به وقت ڪونه ويو آهي. توهان ڪجهه سوچي ونو. ائين نه ٿئي جو سياڻي ماڻهو توهان ۽ اسان تي آگريون کڻن. آئون اهو ٿو چاهيان ته نه سياڻي ماڻهو مون کي چون ۽ نه ڪير توهان تي آگر کڻي. نه آئون چوان ته گيتا اهڙي آهي. اهڙي آهي ۽ نه ڪينا چوي ته دولت اهڙو آهي. اهڙو آهي. ائين اڪثر ٿيندو آهي. ڪنوار ساهرين کان ٿي واپس مائٽن وٽي. ته پهرين گهوٽ کان وٺي سس ۽ سهري تائين ويندي سڄي پاڙي ۽ شهر جون گلائون ڪندي ۽ پوءِ پئي پنهنجن مائٽن ۽ عزيزن کي ڏوراپا ۽ مياروں ڏيندي. ته توهان مون کي ڪڏ ۾ اڇلائي انهي کان بهتر هو ته مون کي چمندي ئي ماري ڇڏيو ها!؟؟ اهڙن پٽن ۽ پاراتن کان بچڻ لاءِ بهتر آهي. ته توهان اسان جي ڪيل مڱڻي تي هڪ دفعو ٻيهر غور وفڪر ڪريو. ائين نه ٿئي جو سياڻي هڪ ڏينهن جي شادي پنهنجي لاءِ زندگي ڀر جي تعدي ثابت ٿئي ۽ پوءِ ٻئي هٿ مٿي تي هڻون. انهي لاءِ اجان به وقت ڪونه ويو آهي. توهان گيتا جي مرضي معلوم ڪري ونو. سياڻي ائين نه ٿئي جو گيتا توهان کي چئي. ته توهان مون کي زوري زبردستي کوهه ۾ اڇلائي يعني زوري دولت سان پرڻائي.

بس! توهان چوندا ته ڦاٽي کان پوءِ ڦٽڪڻ ڪونهي. سو توهان پنهنجي ڌيءَ جون پٽون ۽ پاراتا کٽي سگهو ٿا.... پر سچ پڇو ته.... آئون ڪنهن به معصوم ۽ غريب جي آهه نٿو کٽي سگهان ۽ مون ۾ ايتري جرئت / همت به ڪونهي. جو آئون ڪنهن جي پسند. خواهش ۽ مرضي بنا هن سان شادي ڪريان. "آهه غريبان قهر خدائي." سياڻا چوندا آهن ته ڪنهن جي به دل نه ڏکايو. ڇاڪاڻ ته توهان پنهنجي سيني ۾ هڪ دل رکو ٿا. اڄ آئون گيتا سان شادي ڪريان ۽ سياڻي گيتا کي سندس سهيليون ۽ سرتيون طعنا ۽ ٽوڪون هڻن تون خوبصورت ۽ هو بدصورت. تون ننڍي ۽ هو وڏو. تون گوري ۽ هو ڪارو. اهو مون کان ڪڏهن به برداشت ڪونه ٿيندو. صرف منهنجي ڪري جو گيتا کي مهڻا. طعنا ۽ ٽوڪون ملن؟! آئون اهڙي غلطي ڪرڻ جو ڪڏهن به سوچي نٿو سگهان. الله تعاليٰ گيتا کي حياتي ڏئي ۽ من جون مرادون پوريون ڪري. دولت جي اهائي دعا آهي. توهان کي شايد خبر هجي نه هجي. پر منهنجي پنهنجي هڪڙي الڳ دنيا آهي. جنهن ۾ سادگي. ڏکن. دردن. پيڙائن ۽ پوڳنائن کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه آهي. جيڪڏهن ڪجهه آهي. ته اها آهي محبت. پيار. پنهنجائپ. سڪ. اڪير. عزت. احترام. ادب. اخلاق. حجاب. حياءُ. لڄ. شرم. احساس. آلاپ. ورلاپ. انهي کان سواءِ ٻيو آهن ڪارا ڪپڙا. ڇاڪاڻ ته هر انسان جي ڏک کي آئون پنهنجو ڏک ڪري سمجهان ٿو. هونئن به

لفظ انسان بين ڪاڻ جيئڻ جو نالو آهي. (آئون ڪيئن سيج سمهان، منهنجا مارُوئڙا پڊري پٽ سمهن.) تڏهن ئي تہ چوندو آهيان تہ(مون سين هلي سا، جا جيءَ منو نہ ڪري.) اهي منهنجا پنهنجا اصول آهن، جن جي آڌار تي زندگي گذاريندو آهيان، پوءِ ڪنهن لاءِ اک جو ڪنڊو آهيان تہ ڪنهن جي وري هينئن جو هار آهيان. خير پنهنجي وڏائي ۽ سياڻپ ڊيڪارڻ نہ گهرجي، پر اڄ اهو مون صرف گيتا جي ڪري ئي احتجاجي خط لکي ٻڙڪ ٻاهر ڪڍي آهي. نہ تہ.....
ڇا انساني حقن جي خلاف ورزي جي نشاندهي ڪرڻ منهنجو فرض ڪونهي.؟

ٻڙا، ٻڙائي نہ ڪري، ٻڙا نہ بولي بول،
جون هيرا مک سي نہ ڪهي، لاک همارا مول.

اهو خط مون کي ڪافي وقت پهرين لکڻ کپندو هو، جيڪو اڄ توهان جي هٿن ۾ آهي، پر جيئن تہ انسان ۾ سمجهہ ۽ ساڃاهہ، عقل ۽ شعور آهستي آهستي ايندا آهن، تيئن دير آيد درست آيد. يعني پُلي پُلي پيٽين آئي سا بہ پُلي نہ چواٽي /چئبي. سنو ٿيو جو مون کي انساني حقن جي خلاف ورزين جي يادگيري آئي تہ سهي! نہ تہ اهو ڪارو ٽڪو(داغ) مون تان ڪڏهن لهڻو ئي ڪونہ هو. خير خط پڙهڻ کان پوءِ نہ توهان کي دل ۾ ڪرٽو آهي ۽ نہ ئي ڪاوڙ ڪرڻي آهي. جيڪڏهن ڪرٽو آهي تہ توهان کي گيتا جي باري ۾ سوچي سمجهي فيصلو ڪرڻو آهي. هڪ اهڙو فيصلو جنهن ۾ گيتا جي سؤ سيڪڙو منشا ۽ مرضي شامل هجي. چوڻ جو مقصد تہ جيڪڏهن گيتا بنا دٻاءُ، دڙڪي ۽ ورغلائڻ جي، پنهنجي دل سان مون کي پسند ڪري شادي ڪندي، تہ آئون بہ انڪار ڪونہ ڪندس. جيڪڏهن نہ تہ پوءِ ڏرتي جو ڏڙ اٿلي پوي جو آئون ها ڪريان! پنهنجي خوش فهمي ۾ مبتلا نہ رهجو. ٿورو خيال ڪجو. باقي توهان کي خبر هئڻ گهرجي، تہ پيار جو پرڻو ۽ پسند جي شادي بہ الڳ شيون آهن. ٻنهي کي هڪڙي نظر سان نہ ڏسڻ گهرجي. پيار ٻن دلين جي وچ ۾ هوندو آهي، جڏهن تہ پسند ٻن دلين سان گڏ گهر وارن جي بہ هوندي آهي. مڃان ٿو تہ اهو توهان جي ريتن رسمن جي خلاف آهي، پر اڄڪلهہ جديد سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جو انقلابي دؤر آهي. گذريل وقت ۽ اڄ جي دؤر ۾ ڏينهن رات جو فرق آهي. انسان وڃي چنڊ تي پهتو آهي ۽ اسان وري چنڊ وانگر ڪڪرن پويان لڪڻ ۾ پورا آهيون. خط ملڻ شرط منهنجي هن مسئلي جو حل ڳولي هفتي اندر جواب لکي موڪليندا. ٻئي صورت ۾ هن سڄي "ڪرتا ڌرتا" جا ذميوار خود توهان پاڻ هوندا. تي سگهي پاڻ ٻکن ۾ نہ نهون. ڇاڪاڻ تہ توهان ريتن رسمن جون

ڳالهيون ڪندا ۽ آئون وري انساني حقن ۽ قانون جي ڳالهه ڪندس. پوءِ تہ ڪٿي پنهنجي قسمت!

هڪڙي بي ڳالهه. تہ اهي توهان پيارن جون سوچون. رويا ۽ عمل ئي هئا. جن مون کي متاثر ڪري هي خط لکڻ تي مجبور ڪيو آهي. ڪاش! توهان هن ڪان اڳ ۾ اينڊز منهنجن خطن. فونن ۽ فرمائشن تي ٿوري توجهہ ۽ ڌيان ڏيو ها. تہ اڄ شايد هي خط توهان جي هٿن ۾ نہ هجي ها! بس! هاڻي مون کي انتظار آهي. تہ ڏسان ٿو تہ توهان گيتا جي قسمت جو فيصلو ڪيئن ٿا ڪريو؟! ۽ مون کي ڪهڙو ٿا جواب لکي موڪليو. توهان جو طريقيڪار ڇا آهي؟ وغيره وغيره... ۽ ها! جيڪڏهن توهان کي گيتا شروع ۾ اهي جملا چئي چڏي. پر بي ڏڙڪ ٿي تہ.....(آئون دولت سان نہ اڄ شادي ڪنديس ۽ نہ سڀاڻي. ڇاڪاڻ تہ مون کڏهن دولت کي اکئين ڪونہ ڏٺو آهي. تہ هو ڪهڙو آهي؟ وغيره وغيره.) جيڪڏهن گيتا ائين چوي ٿي. تہ بلاشڪ مون کي ائين قبول آهي. الله انهي کي آباد رکي ۽ من جون مرادون پوريون ڪري. گهوري جان جتن تان. هڪ مالڪ منهن نہ مٽي. ملڪ مٽيو تان گهوريو. هڪ گيتا تہ نهيو. پر جيڪڏهن توهان گهر وارا سڀ چوندا. تہ"دولت تون انهي ۾ غلط آهين. اسان ائين نہ اڄ ڪنداسين ۽ نہ سڀاڻي." پوءِ بہ منهنجي چٽي جان. الله ڪري توهان سڀ خوش هجو. دولت جون دعائون توهان سان گڏ.

بس! اها منهنجي هڪڙي راءِ ۽ تجويز هئي. جيڪا مون توهان جي خدمت ۾ خط جي صورت ۾ پيش ڪئي. باقي ٻيون تجويزون بعد ۾ ڏيندس. راءِ ۽ تجويز بہ اهڙي جيڪا انساني برابري تي ٻڌل آهي ۽ جنهن ۾ عورت کي مرد جي برابر حق ڏيڻ جي ڳالهه ٿيل آهي. ڇاڪاڻ تہ عورت بہ آخر انسان آهي. آئون جيڪڏهن پسند جي ڳالهه ڪريان ٿو. تہ گيتا بہ پسند جي ڳالهه ڪري سگهي ٿي. انهي ۾ ڪهڙو عيب آهي؟ هرويرو لازمي ڪونهي تہ گيتا جي مون سان مڱڻي ٿيل آهي ۽ شادي بہ مون سان ڪري! مون کي جيڪڏهن پسند نٿي ڪري تہ هو ٻئي سان بہ پنهنجي پسند جي شادي ڪري سگهي ٿي. ۽ اهو انهي جو آئيني. قانوني ۽ انساني حق آهي. انهي تي مون کي ۽ توهان کي ناراض ٿيڻ جي ڪابہ ضرورت ڪونهي. خط کي بار بار ۽ غور سان پڙهجو. ائين ڪڏهن بہ نہ سوچجو تہ هي چريو ڪو نشي ۾ خطا ٿيل هو. تڏهن لکيو آهي. بلڪل سالم دماغ آهيان.(ڇگو الله واهي)

دعائن ۾
دولت ٺري

مذڪوره تنصيا ـِ خط. جيڪو دولت ٽري پاران سماج ۾ اچلايل تبديليءَ جو پهريون پٿر ثابت ٿيو هو. جيئن تہ مون پهرين ڳالهہ ڪئي، تہ مذڪوره خط پڙهندي ئي منهنجي پيرن هينيان زمين ئي نڪري وئي، ڇاڪاڻ تہ. مذڪوره خط مڪمل طور تي سماجي ريتن رسمن جي خلاف هو. پر الائي ڇو خط کي پڙهڻ کان پوءِ بہ آئون ڊاپجندي ڪونہ هيس ۽ ويني ويني مذڪوره خط کي بار بار پڙهندي هيس. اهو انهي ڪري تہ.... هڪڙي پاسي خط سماجي ريتن رسمن جي ٺيڪيدارن جي مغز ۾ هٿوڙو بڻجي لڳو هو. تہ ٻئي پاسي اهو ساڳيو ئي خط آئين. قانون ۽ انساني حقن سان پريل فل ٽمٽار هو. هڪ اهڙو خط جنهن ۾ مظلوم عورت جي حقن کي اجاگر ڪيو ويو هو. جنهن ۾ گيتا سنڌي، سميت سيني سنڌ جي معصوم نياڻين تي ٿيندڙ سماجي ظلمن خلاف آوازا تاريو ويو هو. سماجي ريتن رسمن جي ٺيڪيدارن کي للڪاريو ويو هو. آئين. قانون ۽ انساني حقن جي ڳالهہ ڪيل هئي. مظلوم سنڌ جي نياڻي جي دل جي ڳالهہ ڪيل هئي. عورت کي مرد جي برابر حق ڏيڻ جي ڳالهہ هئي ۽ عورت کي مرد جي برابر حق ڏيڻ جي ڳالهہ عالمي قانون بہ ڪري ٿو. مذڪوره خط جيڪو نہ صرف منهنجي معصوم جذبن. اڻپورن خيالن. اڌورين خواهشن ۽ اڌڙيل سپنن جي ساپيائن جي ترجماني ڪري ٿو، پر انهي سان گڏوگڏ مذڪوره اهو خط منهنجي بابا هريش سميت انهن سيني معصومن ۽ مظلوم نياڻين جي باباڻن ڏانهن لکيل آهي. جيڪي مخصوصن جون مڱڻيون ۽ شاديون سندس مرضي کان سواءِ ڪن ٿا . جيڪي معصومن جي معصوم خوابن ۽ خواهشن جا قاتل بڻجن ٿا . جيڪي ريتن رسمن جي ٺيڪيداري ڪندي معصوم جگر جي ٽڪرن کي اونهي اوڙاهہ ۾ اڇلائين ٿا. جيڪي ٽڪن جي لالچ ۾ اچي معصومن کي وحشي درندن ۽ بگهڙن حوالي ڪن ٿا . جيڪي معصومن کي پائرن. ڪاڪن ۽ مامن جي بدن ۾ ڏيئي پنهنجن گندين ۽ بيهوده ريتن رسمن جو ڳاٽ اوچو ڪن ٿا . جيڪي معصوم ۽ ڪومل جوانين کي سماجي ريتن رسمن جي گهاٽي ۾ پيهن ٿا . جيڪي معصومن جي حقن تي ڏينهن رات ڌاڙا هڻن ٿا . حيف هجي. اهڙن مائٽن آباڻن ۽ باباڻن کي جيڪي پنهنجي معصوم جگر جي ٽڪرن کي ڪڙهائي جي گوشت وانگر رڌي روزانو کائين ٿا .

لکندي لکندي آئون ڪجهہ جذباتي ٿي وئي هيس، خير اچو تہ. پاڻ وري پنهنجي گهر ميرپورخاص هلي گهريلو معاملا ڏسون ٿا . تہ اهي ڪئي وجي

جهڳڙا سڀ منهنجي ڪري ٿين ٿا ۽ جيڪڏهن آئون نه هونديس، ته پوءِ هي جهيڙا جهڳڙا به ڪونه هوندا. ڪڏهن ڪڏهن ته آئون سگهڙ ڪي صلاح ڏيندي هيس، ته پاڻ گڏجي زهر کائي مرنديون سين. مون پاران اهڙو اظهار ڪرڻ تي سگهڙ مون ڏانهن عجيب نظر سان نهاريندي دل ۾ اکين سان هائوڪار ڪندي هئي ۽ گهر وارا سيئي انهن مسئلن جو جڙ بگهڙ مامي سروڻ کي سمجهندا هئا.
ته هي دولت وٽ اچي وجي ٿو ۽ گهر جون سيئي اڳتي پوئتي رپورٽون پڻ ڪيس ڏئي ٿو. گهر جو بيو اهڙو خاص مسئلو ڪونه هو. پر سروڻ خلاف ٿائون ٿاڻي تي پيٽرول پمپ مان فراڊ ڪرڻ جو ڪيس داخل ٿيڻ ڪان پوءِ وڏيري ذوالفقار ٿيبي پاران سروڻ کي ضمانت تي آزاد ڪرائڻ بعد منهنجو پاءُ ڏيون سروڻ جي معرفت وڏيري جي ڪار تي ڊيوٽي تي لڳو هو. جنهن تي دولت ٿري کي وڏ ۾ وڏ اعتراض هو.
دولت ٿري پاران موڪليل طويل خط تي اجان گهر ۾ جهيڙا جهڳڙا جاري هئا. تيسين وري پندرنهن ڏينهن بعد هڪ بيو ۽ آخري خط اچي ٽپالي اسان جي هٿ ۾ ڏيئي ويو. خط پڙهندي شرط اسان جا گهيرا ئي گهمي ويا.
طويل خط جو جواب نه ملڻ تي دولت آخري ۽ دل جي ڳالهه ٻڌائي ڇڏي ۽ اسان سڪتي ۾ اچي وياسين، ته هاڻي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ ٿورو ڌمڪي آميز خط توهان به پڙهي ڏسو:

چيلهار ٿرپارڪر
٢٠٠٦-١٠-٠٨
آچر ٧:٠٠ بجي شام

پيارا! هريش ڪمار ۽ بيا گهر ڀاتيو خدا حافظ!!!

وضاحت

جيئن ته هن ڪان پهرين مون آچر ٢٤ سيپٽمبر ٢٠٠٦ع تي خط لکي منهنجي مڱڻي جي باري ۾ وضاحت طلب ڪئي هئي. ڪجهه اهڙا سوال جيڪي انساني برابري تي ٻڌل هئا. جن جا مون توهان ڪان جواب گهريا هئا. (انساني برابري جو مطلب عورت کي به مرد جي برابر حق ڏنا وڃن.) پر اڄ آچر ٨ آڪٽوبر ٢٠٠٦ع جو شام ٧:٠٠ بجي تائين توهان جو مون کي ڪوبه جواب موصول نه ٿيو آهي ۽ هاڻي مهرباني ڪري توهان مون کي ڪوبه جواب لکڻ/ڏيڻ جي زحمت نه ڪجو. ڇاڪاڻ ته پنهنجن ڪچڙن رشتن ۽ نازڪ ناتن جو ڪچڙو ۽ نازڪ ڌاڳو هاڻي ٽٽڻ تي اچي پهتو آهي. (ڏاڍي ڏک ۽ گهٽي

افسوس ڪان پوءِ لکڻو ٿو پوي ته اڄ آئون توهان ڪان هميشه لاءِ وڇڙي رهيو آهيان. چاڪاڻ ته توهان وٽ هڪ سچي، اشراف ۽ انسان دوست ماڻهو جو ڪوبه قدر ڪونهي. ڪاش! آئون"اوباش" ۽ انساني حقن جي خلاف ورزي ڪندڙ سماجي ريتن رسمن جو پوئلڳ هجان ها. ته شايد توهان کي پسند اچان ها. پر اهو ڪڏهن منهنجي فطرت ۾ شامل ئي نه رهيو آهي. جو آئون ڪڏهن انساني حقن جي خلاف ورزي ڪرڻ جو سوچي به سگهان! ڪڏهن قدرت مون کي اهڙو ڏينهن به نه ڏئي، جو آئون ڪڏهن ڪنهن جي خوابن ۽ خواهشن جو قاتل بنجان.

## حقيقت

پيارا! جيڪڏهن ڪنهن معصوم جي مڱڻي کان پهرين مرضي معلوم ڪرڻ ڏوهه آهي، ته زوري زبردستي شادي ڪرائڻ ان کان به وڏو ڏوهه آهي." توهان کي مون ويچاري معصوم گيتا جي مرضي معلوم ڪرڻ جو چيو هو. مڱڻي وقت ته توهان ائين گيتا جي مرضي معلوم نه ڪئي پر هاڻي مڱڻي کان پوءِ شادي کان پهرين مون جڏهن معصوم گيتا جي باري ۾ توهان کان گيتا جي مرضي معلوم ڪرڻ جهڙي سوال پڇڻ جي جسارت ڪئي آهي، تڏهن توهان ياران اهو سڀ ڪجهه سماجي ريتن رسمن جي خلاف ۽ ڏوهه سمجهڻ ۽ منهنجي باري ۾ گهٽ وڌ ڳالهائڻ، اهو سڀ منهنجي برداشت کان ٻاهر آهي. آئون اهي توهان جون سوچون، رويا، عمل ۽ ڳالهيون ڪڏهن به برداشت ڪري نٿو سگهان. (اڄ جيڪڏهن آئون گيتا سان پڇڻ کان سواءِ ساڻس شادي ڪريان، ته توهان لاءِ سٺو آهيان. پر جيڪڏهن پڇي ٿو شادي ڪريان، ته توهان لاءِ خراب آهيان.) ڪجهه خدا جو خوف ڪريو. ڪنهن ويچاري معصوم جي زندگي سان چو ٽا ڪيڏو؟! پڇڻ ڏوهه آهي، باقي زور زبردستي زيادتي ڪرڻ ڏوهه ڪونهي. اها وري توهان جي رسم آهي. اهڙي رسم کان منهنجي توبهه، توبهه، توبهه. توبهه

وچن

دولت جي دعا آهي، ته ويچاري گيتا جو ڀاڳ پاسيرو نه ٿئي ۽ نه وري معصوم جو مقدر ۽ نصيب ڦٽي، پر هڪڙي ڳالهه ته.... اهو منهنجو، توهان ته ڇا پر پوري دنيا سان وچن ۽ واعدو آهي، ته آئون ڪڏهن ۽ ڪنهن به ڇوڪريءَ سان پڇڻ کان سواءِ ساڻس شادي نه ڪندس. پوءِ اها ويچاري گيتا هجي يا ڪٽي.......!؟؟؟) آئون ڪنهن سان زوري زبردستي شادي ڪريان، الله اهڙو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون کي ڏينهن به نه ڏي. منهنجي پنهنجي دنيا ئي الڳ ۽ نرالي آهي اڄ ڏينهن تائين مون کي ڪير به سمجهي نه سگهيو آهي ۽ نه ئي مون کي ڪير سمجهي سگهندو. آهيان ته عام انسان، پر اصولن وارو. ڪڏهن ڪنهن جي چوڻ تي لڳان يا ڪير مون کي پٺيون پڙهائي، يا ڪير برغلائي.... سوال ئي پيدا نٿو ٿئي؟!

پنهنجو پلو برو پاڻ جاڻان ٿو ۽ نه ئي ڪنهن جو محتاج آهيان. انساني حقن لاءِ، ڪٿي پنهنجو هجي يا پرايو، دوست هجي يا دشمن، مير هجي يا پير، يا وري ڪٿي ارباب هجي ڙڙهندي دير ئي ڪرڻ نه ڪندس. پوءِ ڪٿي قسمت... ۽ نه ئي ڪو آئون اڪيلو آهيان، مون جهڙا منهنجا پيا به ڪيترائي دوست آهن، جيڪي منهنجي مرڻ کان پوءِ به منهنجو مشن/مقصد جاري ۽ ساري رکي سگهن ٿا.

اسان جي مئاسين سفر ۾ او ساٿي
ته مائيندا منزل پنهنجا ڍول ڍاٿي.

**پلاند**

چوندا آهن، ته پلاند ڪڏهن به پراڻا ٿيڻا ئي ناهن، سو جن سماجي ريتن، رسمن جي ٺيڪيدارن مون کي گذريل چئن سالن کان ذليل ڪيو، جن"پسند" جي شادي جي آڙ ۾ آسرن ۾ رلايو، گاڏي وڪٽائي، جن منهنجي جذبن ۽ احساسن جو قتلام ڪيو، جن منهنجي خوابن ۽ خواهشن کي خوار ڪرايو، جن جي ڪارڻ مون کي مهڻا، طعنا، ٽنڪا ۽ مياروں مليون، جن جي ڪري مون معصومن سان منهن ماريون ڪيون، جن منهنجي سندر سوچن ۽ سپنن کي مٽي ۾ ملايو، جن جي ڪري مون پنهنجن ۽ پراون سان ڦٽايو. اڄ جڏهن مون صرف، مرضي معلوم ڪرڻ جي ڳالهه ڪئي آهي، تڏهن انهن لاءِ اوپرو ۽ بيڪار ٿيو آهي. مون توهان ميرپور وارن کي پرکي ڇڏيو آهي ۽ هاڻي هنن سان مون کي هڪ هڪاڻي ڪرڻي آهي. اهي جيڪي منهنجي مڱڻي جا ذميوار آهن. انشاءالله جلد توهان"خوشخبري" ٻڌندا. جن چار سال مون کي آسرن ۾ رلايو، خوار ۽ ذليل ڪيو. منهنجي زندگي تباهه ڪئي، مون تي مڱڻي جي نالي ۾ هڪ ڪارو داغ لڳايو. هرجاڻي جي ادائيگي لاءِ هاءِ ڪورٽ/سپريم ڪورٽ ۾ جلد ئي دعويٰ داخل ڪرائيندس. پوءِ هنن کي خبر پوندي، ته ڪنهن جي مرضي بنا مڱڻي ڪرڻ اولي آهي يا سولي. باقي آئون توهان جا مهڻا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوندو آهي ۽ شاديون بہ پنهنجن بدران پراون ۾ ۽ ذاتين ذات ۾ ڪرايون وينديون آهن." سو ايترين پابنديءَ لڳل ريتن رسمن ۾ مون پاران پنهنجي ور ڪي شادي کان پهرين فون ڪرڻ ۽ ساڻس ڳالهائڻ منهنجي لاءِ ڏاڍو ڏکيو ۽ مشڪل هو. پر مجبورن وقت ۽ حالتن کي هٿن مان نڪرندو ڏسي دل ۽ من کي ڏاڍو مضبوط جهلي، همت ۽ حوصلو ڌاري، دولت وانگر سماجي ريتن رسمن جي ٺيڪيدارن سان مهاڏو اٽڪائيندي دولت تري کي فون ڪرڻ جي جرئت ڪندي ساڻس سات نڀائڻ جو اٽل ارادو ڪيم. دولت سان فون تي ڳالهائڻ ۽ ڪيس مطمئن ڪرڻ جي جرئت ۽ سگهہ سارڻ کان پوءِ منهنجو سک ۽ چين ڦٽي ويو... ڪڏهن تي دولت سان ڳالهايان.... فون ڪريان... ڪيس مطمئن ڪريان، هٺ تان لاهيان.... ڪورٽ ۽ زماني جي خواري کان بچان... وغيره وغيره جهڙا خيال ۽ سوچون....! خير اچي فونن جي وٽ پڪڙ لاتم. دولت اسان کي خط موڪلي پاڻ چيلهار مان حيدرآباد هليو ويو. پويان اسان جو ساڻس رابطو ممڪن ئي تي نہ پئي سگهيو. چاڪاڻ تہ وٽس موبائيل فون هوئي ڪونہ. نيٽ چئن پنجن ڏينهن کان پوءِ وجي مس مس فون تي مليو. فون تي هيلو ڪرڻ شرط ئي مون کي مئانس واري لهجي مان ئي خبر پئجي وئي، تہ هن ۾ همت، حوصلي ۽ سات نڀائڻ جا گر ۽ داٿا ضرور آهن. پوءِ ڪيس گهريلو مسئلن کان تفصيلي طور تي آگاهہ ڪيم..... سماجي ريتن رسمن جا حوالا ڏنم. پر دولت منهنجي هڪڙي بہ ڪونہ ٻڌي. چيائين روبرو ملاقات ڪندس. چيم روبرو آئون ڪونہ ملندس. شادي کان اڳ ۾ ملڻ سان ماٺهو ڇا چوندا؟ چيائين ماڻهن سان آئون ٻڌل ڪونہ آهيان. جيڪڏهن شادي کان پهرين ملاقات نہ ڪندين تہ پوءِ آئون بہ توسان شادي ڪونہ ڪندس. هينئر مون کي کهڙي خبر فون تي توهان گيتا آهيو يا سگهڙ. ڪانتا آهيو يا ڪويتا يا ماڳهين سنتوشي! آئون توهان کي سڃاڻان ئي ڪونہ ٿو. مون کي کهڙي خبر فون تي توهان ڪير پيا ڳالهايو؟ مون توهان کي ڪڏهن اکين سان ڏٺو ئي ڪونہ آهي. پوءِ آئون توهان تي ڪيئن پروسو ڪريان تہ توهان گيتا آهيو؟! بس! فونن تي ائين اسان جو پاڻ ۾ ڳالهائڻ جو سلسلو شروع ٿيو. ڪڏهن دولت فون ڪندو هو تہ ڪڏهن آئون ڪندي هيس ۽ ٽيليفون تي ٿيل گفتگو کان وري آئون پيڻ سگهڙ کي آگاهہ ڪندي رهندي هيس. جيئن پيڻ سگهڙ مون کي اڳ ۾ چوندي هئي، تہ دولت فون تي ڳالهائڻ جو گهٽو ئي سنو ۽ منو آهي، پر پاڻ الائي ڪهڙو آهي؟ سو

مون کي بہ دولت ٽري جو ڳالهائڻ ائين لڳو ڄڻ ٽر باپيهو ٻوليندو هجي. مون کي چٽو ياد آهي، جڏهن مون دولت ٽري جي پهرين اخبار "دلت آواز" پڙهندي ٿي پاڻ کي آسمان جي بلندين تي اڏامندي محسوس ڪيو هو. چاڪاڻ تہ مون سوچيو هو، تہ منهنجو دولت ايڏو هوشيار آهي، جنهن پنهنجي سندي اخبار ڪڍي آهي. پوءِ ڪڏهن پيڻ سگهڙ مذاق ڪندي مون کان پڇندي هئي، تہ تو وٽ گهڻا پئسا آهن ۽ آئون بہ ڪيس ڪلندي مذاق ۾ چوندي هيس، تہ آئون دولت جي مالڪ آهيان!

**ملاقات:-**

خير اسان فونن تي سدائين ڳالهائيندا هئاسين. پر دولت ڪڏهن بہ منهنجي آڻ نہ مڃي ۽ پنهنجي هٺ ۽ هوڏ تي قائم رهيو تہ پهرين پاڻ ٻئي ڄڻا روبرو ملاقات ڪنداسين ۽ پوءِ شادي ڪنداسين. مجبورن سندس آڻ مون کي مڃڻي پئي ۽ سندس مرضي قبول ڪيم. پنهنجو هر هيلو، وسيلو ۽ حربو دولت اڳيان نہ هلڻ ڪان پوءِ ڪيس چيم، تہ هاڻي اسان وٽ ڪڏهن ايندؤ؟ اسان کي ٽائيم ٽيبل ۽ تاريخ وغيره ڏيو؟! چوڻ لڳو مينهن ۽ مهمان ڪڏهن بہ پڇي ۽ چئي ڪونہ ايندا آهن. منهنجي مرضي جڏهن اچان يا ڪٿي نہ بہ اچان! سوچيم ماٺهو وڏو ڪو حرامي نمبر ون جو ٿو ڏسجي، ڪڏهن اوچتو ايندو. پر ضرور ايندو. پوءِ تہ منهنجون اکيون هر وقت در جي ڪڙڪي ۽ گهر جي وڃنڊڙ گهنٽي ۾ هونديون هيون. نيٺ اهو ڏينهن بہ آيو. جڏهن منهنجي انتظار جون گهڙيون ختم ٿيڻ تي اچي پهتيون.... جي ها! اهو سندر، سهڻو ۽ من مهڻو ڏينهن سومر جو هو ۽ تاريخ ۳۰ هين، مهينو آڪٽوبر ۽ سال ۲۰۰۶ع هو. جنهن ڏينهن ڪارن ڪپڙن وارو نوجوان ڪلهي ۾ ڪارو ٿيلهو لڙڪائيندو اچي چانڊني چوڪ (ميرپورخاص) لڳ اسان جي گهر پهتو هو. پنهنجي چاچي جيرام داس سان گڏ پهتل اهو سنگل باڊي نوجوان پنهنجي چاچي کي پر واري ميڊيڪل اسٽور تي ڇڏي پوءِ پاڻ اچي اوطاق ۾ داخل ٿيو. اوطاق ۾ داخل ٿيڻ شرط دولت ٽري منهنجي ننڍي ڀيڻ سنتوشي عرف "شني" کي چيو تہ توهان گهر وڃو ۽ گيتا کي چئو تہ چيلهار مان دولت ٽري توهان سان ملڻ لاءِ آيو آهي. سو سنتوشي جي نياپي ڪان اڳ ۾ ئي اسان کي خبر پئجي چڪي هئي تہ "اڄ صاحب اچي هن شهر ۾ لٿو آهي." چاڪاڻ تہ دولت جي اچڻ ڪان اڳ ۾ جڏهن جيبو ۽

منهنجي ٻن پيٽن اوطاق ۾ ٻيني ڊنڊڻ(برش) ڪيو. ته نيڪ ان ئي وقت دولت اسٽور مان ٿيندو اسان جي گهر طرف اچي رهيو هو ۽ پيٺ سگهڙ ڪيس انهي وقت ڪاري ويس ۾ لاڪيٽي لوڏ مان سجاڻي ورتو هو. دولت کي ايندو ڏسي جيبو جلدي جلدي گهر آئي ۽ اچي مون کي مبارڪون ڏيڻ لڳي. مبارڪون ڏيڻ شرط منهنجي دل صحيح ڪري ورتو ته ماڻهو اهوئي آهي، جنهن جو منهنجي اداس اکڙين کي انتظار هو ۽ جنهن جون روزانو آئون رانهون تڪيندي هيس. دولت ٿري جي اچڻ کان هڪ ڏينهن اڳ ۾ آئون اسان جي اوطاق کي ٻهاري صاف ڪري آئي هيس ۽ اوطاق کي صاف ڪندي، جڏهن منهنجي زبان تي رونا ليليٰ جو ڳايل ڳانو چڻ پٽاڻ ڪرڻ لڳو ته (اڱڻ ٻهاريان، تنهنجون واٽون نهاريان....) گهڙي کن پل لاءِ آئون پنهنجو پاڻ کي سنڀالي نه پئي سگهيس. چاڪاڻ ته دل ۾ هڪ اهڙي سوچ هئي، هڪ جستجو هئي، ته سپاٽي هڪ ڏاريي ماڻهو سان ملڻ کان پوءِ، جيڪا مون کي هن سان گڏ زندگي گذارڻي آهي، ڇا اهو مون سان توڙ نڀائيندو؟ يا ماڻهو جيڪي ڳالهيون ڪن پيا. اهي سچيون ثابت ٿينديون ۽ هو مون کي ائين رڻ ۾ رولي ۽ خوار ڪري هليو ويندو. ۽ پوءِ ڪٿي منهنجو هٿ پير به ڪونه لڳندو. خير اها ته منهنجي هڪڙي سوچ هئي، جيڪا مون سان گڏ جواب جي جستجو ۾ هئي. پر دولت ٿري پاران اسان جي اڱڻ تي اچڻ کان پوءِ جڏهن گهر جا سڀ ڀاتي مون ڏي نهارڻ لڳا. ته مون کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ گهر جا ڀاتي نه پر مون ڏي دولت ٿري نهاريندو هجي ۽ گهر ڀاتين جي سواليه نظرن وانگر مون کان سوال پڇندو هجي! سو سومر جي ڏينهن ١:١٥ بجي اهو وقت هو جنهن تائيم دولت ٿري پاران سماج ۾ تبديلي جو اجلابل ڦهريون پٽر مون کي اچي لڳو هو. منهنجي زندگي جو اهو يادگار ڏينهن هو ۽ اهو ڏينهن جيڪو ڪڏهن مون کان وسرڻو ئي ناهي. دولت ٿري جي گهر اچڻ وقت بابا چڪي تي ويل هئا ۽ منهنجو ڀاءُ ڏيون اسڪول ويل هو. ٻنهي جي غير موجودگي ۾ منهنجي /اسان جي ننڍي ڀيڻ شني دولت ٿري کي چانهه ۽ بسڪيٽ وغيره ڪٽي ڏنا ۽ سندس ميزباني ڪئي. پر دولت ٿري نه چانهه پيتي، نه بسڪيٽ کاڌو ۽ نه ئي اسان جو پاڻي پيتو. ٿوري دير کان پوءِ امان ۽ پيٺ سگهڙ جي اسرار تي آئون دولت ٿري سان ملڻ لاءِ اوطاق ويس. خوش آمديد ڪرڻ کان پوءِ دولت مون کي پر ۾ موجود ڪرسي تي ويهڻ جو چيو. ڪرسي تي ويهڻ کان پوءِ دولت مون کي اهي ئي ساڳيا سوال ڪيا. جيڪي هن مون کان

ٽيليفون تي پهرين ڏينهن پڇيا هئا. مون کي سوالن جا جواب ڏيندي چيو تہ، مائٽن جي ڪيل مڱڻي مون کي منظور آهي ۽ آئون توهان سان ئي شادي ڪندس ۽ مون اهي جواب توهان کي ٽيليفون تي ئي ڏيئي ڇڏيا هئا. پر اڄ توهان روبرو ملڻ ۽ پڇڻ آيا انهي لاءِ توهان جي مهرباني. آئون اهائي ساڳي گيتا آهن. جيڪا ٽيليفون تي توهان سان ڳالهائيندي هيس... چوڻ لڳو.... توهان کي پيڻ سگهڙ يا امان وغيره سيڪاري تہ ڪونہ موڪليو آهي، تہ توکان جيڪي سوال پڇي تون ها سان ها ملائيندي وڃجان؟! چيم ائين قطعي تي بہ نتو سگهي. آئون ڪو ننڍي ٻار ڪونہ آهيان. پنهنجو ڀلو برو سڀ ڪجهہ سمجهان ٿي ۽ مون کي ڪنهن بہ برغلايو ناهي. ائين اسان چار سوال جواب ڪيا مس تيسين پيڻ سگهڙ اچي وئي ۽ سگهڙ جي اچڻ شرط ڏيون بہ بن منٽن ۾ پهچي ويو. چاڪاڻ تہ اسڪول مان موڪل تي چڪي هئي. اسان جي انهي ملاقات ۾ مزي واري ۽ دلچسپ ڳالهہ اها رهي، تہ دولت ٽري سان مون جيڪي بہ چار جملا ڳالهايا اهي ٽيپ رڪارڊ ڪندو ويو ۽ اسان جي منع باوجود بہ ڪونہ مڙيو ۽ چوڻ لڳو، تہ اهو اسان صحافين جو ڪم آهي، توهان ڪي جيڪڏهن ڳالهائڻو هجي تہ ڳالهايو نہ تہ ڀلي نہ ڳالهايو! واضح رهي تہ مذڪوره رڪارڊ ڪيل ڪيسٽ دولت ٽري وٽ اڄ بہ آن دي رڪارڊ موجود آهي. ملاقات ڪري منهنجي وڃڻ کان پوءِ دولت ٽري ۽ ڏيون ڪافي وقت ڪچهري ڪئي ۽ بعد ۾ دولت ٽري اسان کي"سنپال" ڏيئي هليو ويو. پر پاڻ اسان جي نہ چانهہ پيتي نہ پاڻي پيتو ۽ نہ ئي اسان جي ڏنل ڪا شيءِ ۽"سنپال" وغيره ڪنئي...

دولت ٽري پاران مون سان ملاقات ڪرڻ جي خبر پوڻ تي سماجي ريتن رسمن جي ٺيڪيدارن کي ڏاڍي مِنيان لڳي ۽ اهي هڪ دفعو وري دولت ٽري خلاف سازشون سٽڻ ۽ زهر اوڳاڇڻ لڳا. گهر ۾ امان ۽ بابا جي روز جي ڏند چڪ ۾ بہ ٺاپر نہ آئي هئي، متي وري اسان ٻنهي جي ملاقات جي خبر بہ چيلهار ۽ عمرڪوٽ وغيره ۾ باهہ وانگر پکڙجي وئي، جنهن پٽيلن ۽ پٽڪن کي ويتر منجهائي وڌو. پيڻ سگهڙ وري امان کي سمجهائيندي هئي، تہ چو تا روز جا جهيڙا ڪريو ماٺ ڪري دولت کي سڱ ڏيئي نتا ڇڏيو؟ سياڻي هو جيڪڏهن ڪورٽ ڪندو تہ پوءِ پنهنجي عزت ۾ چا رهندو؟! هن پنهنجي حال حقيقت سڀ خطن ۾ بيان ڪري ڇڏي آهي! گيتا سان ملاقات ڪري بہ ويو آهي ۽ سياڻي جيڪڏهن گيتا ڪورٽ ۾ دولت جي حق ۾ ۽ دولت سان شادي ڪرڻ

جو بيان ڏئي ٿي تہ پوءِ!!؟!...... دولت تہ گيتا کي اتان ئي آڏي چيلهار وٺي هليو ويندو... پوءِ پنهنجن رشتن جو کهڙو پرم رهندو؟!..... امان قانون کان اڻڄاڻ ۽ اڻ پڙهيل. پيڻ سگهڙ کي چوندي هئي، تہ ڪورٽ ائين ڪيئن گيتا کي دولت جي حوالي ڪندي؟ اسان مائٽ ۽ جيئن وڏا چاهيندا تيئن ٿيندو؟! ۽ گيتا بہ پاڻ کي ائين ڪيئن ڇڏي ويندي خير دولت جي خط لکڻ کان پوءِ اسان جي گهر ۾ جهيڙا ۽ جهڳڙا روز جو معمول بڻجي چڪا هئا. ڪن چيو تہ سڱ ڏيون ٿا، تہ ڪن چيو تہ ڪونہ ٿا ڏيون، تہ ڪن وري چيو تہ سڱ وٺي پوءِ سڱ ڏينداسين. مون کي ڪڏهن سمجهہ ۾ ڪونہ ايندو هو تہ هي ڪن چا پيا ۽ چا ڪرڻ چاهين ٿا؟ روز جي جهيڙن جهڳڙن، مسئلن ۽ گُهٽين سبب آئون ذهني مريض ٿي ويس، ايستائين جو ڳُٽين ۾ ڳري سگهي وجي صفا لڪڙي ٿي ويس ۽ بابا منهنجي حال تي ڏاڍو رحم کائڻ لڳو. امان ۽ بابا جي جهڳڙن سبب آئون روزانو رات جو رليءَ ۾ لڪي پوءِ روئيندي هيس ۽ سوچيندي هيس تہ هاڻي الائي ڇا ٿيندو؟ ۽ هي ڇا ڪندا؟ مون دولت ٿري کي جيڪو ڏٺو آهي، روبرو، توڙي سپنن ۾ ۽ پڻ ٽيليفون تي، اهو تہ مون سان ڪڏهن بہ بيوفائي نٿو ڪري سگهي ۽ نہ ئي وچ رستي ۾ ڇڏي سگهي ٿو. مائٽن کي جيڪي مارڪٽ ڪرڻ جا خدشا آهن، اهي تہ سيئي اجايا آهن. ڇاڪاڻ تہ دولت بہ آخر انسان آهي ۽ جيڪو اسان کي اهڙا خط لکي رهيو آهي، اهو ڪيئن ٿو اهڙيون اخلاق ۽ انسانيت کان ڪريل ۽ وحشياڻيون ڪارروايون ڪري سگهي. چوندا آهن، "چور جي مٽي تي چڙي" ماڻهو جهڙو پاڻ هوندو تهڙو ٻين کي سمجهندو. امان کي ڪجهہ پروسو هو. ڇاڪاڻ تہ اسان مان سڀ کان پهرين چيلهار منهنجو نانو ۽ امان جو بابا ڏارو مل ويو هو. ڏارومل، جنهن سان سندس ڳوٺ نيباڙو ۾ پوليس زيادتي جو واقعو پيش آيو هو ۽ نانو مبارڪ رند پوليس ٿاڻي جي اهلڪارن خلاف دانهڻ لاءِ پڇا ڪندو وجي دولت ٿري وٽ پهتو هو. دولت ٿري جيڪو هيومن رائيٽس ڪميشن آف پاڪستان ڪور گروپ ضلعي ٿرپارڪر جو آرڊينيٽر ۽ هڪ سچو ۽ کرو صحافي آهي. چيلهار مان واپس اچڻ تي ناني ڏارومل اسان کي دولت ٿري متعلق سڀ سماچار ڏنا هئا ۽ سندس تمام گهڻي واکاڻ ڪئي هئي. ناني جي واتان دولت ٿري جي واکاڻ ٻڌي اسان گهر وارا ڏاڍا خوش ٿياسين ۽ ڪيس دعائن ۾ ياد ڪرڻ لڳاسين.

(گ) شادي:-

مون کي حيرت تڏهن ٿي جڏهن دولت ٿري جي واکاڻ ڪندڙ ناني دولت ٿري جو ئي لکيل خط پڙهي سندس شان ۾ ڏاڍي گستاخي ڪئي. هڪ پاسي ميرپورخاص ۾ دولت ٿري پاران خط لکڻ کان پوءِ پيدا ٿيل چڪتاڻ واري صورتحال تي روز نت نوان تبصرا ٿيندا رهندا هئا. دولت ٿري تي طرح طرح جا اگرا الزام لڳندا رهندا هئا. ايستائين جو سماجي ريتن، رسمن جا نيڪيدار وڏي واڪي چوندا هئا. ته اسان دولت ٿري جي حرڪتن کي ڪورٽن ۾ به منهن ڏيئي ويندا سين. اسان وٽ دولت ٿري جا لکيل خط. بطور ثبوت موجود آهن. جيڪي اسين ڪورٽ ۾ پيش ڪندا سين ۽ ججن کي چوندا سين ته ڏسو ڪيئن نه هڪ صحافي ۽ انساني حقن جو ڪارڪن اسان جي سماجي ريتن ۽ رسمن جي سرعام ڀڃڪڙي ڪري رهيو آهي؟! نيڪيدارن کي ڪهڙي خبر ته آئين، قانون ۽ انساني حق ڇا ٿيندا آهن؟ پر پوءِ جڏهن نيڪيدارن کي خبر پئي ته، دولت ٿري جا لکيل سڀ خط آئين، قانون ۽ انساني حقن تحت آهن. تڏهن وڃي هنن ماٺ ڪئي، وڪيلن، اسٽامپ ويندڙن وغيره وٽان آڏي پڇا ڪرڻ کان پوءِ جڏهن ڪيس هر پاسي ڪاري وارا ڪک ڏسڻ ۾ آيا. تڏهن هنن دولت ٿري اڳيان پنهنجي آڻ مڃيندي ڪيس چيو، ته چار ڏينهن صبر ڪر.... تون جيئن چوندين تيئن ڪندا سين. بعد ۾ هنن هڪ وري نئين سازش سٽي ۽ هڪ نئون ڊونگ ۽ ناٽڪ رچايو. ته تنهنجو سهرو غريب آهي. تون اسان کي ويهه هزار روپيه ڏي، جيئن تنهنجي سهري جي اوکي ويل ۾ مدد ڪري سگهون ۽ تنهنجي سهري خود پئسا گهريا پڻ آهن. دولت مٿ گهرن نيڪيدارن جي چوڻ مان ئي صحيح ڪري ورتو ۽ يڪدم اسان جي گهر بابا کي فون ڪري تصديق ڪئي. بابا چيو ته آئون توهان کان پئسا گهرڻ جو ڪڏهن سوچي به نٿو سگهان. توهان مذڪوره ماڻهن کي روپيو به نه ڏيندا. مون ٢٠ هزار پري جي ڳالهه ٢٠ روپيه به نه گهريا آهن. بابا پاران پئسا نه گهرڻ جي تصديق ڪرڻ تي دولت هڪ دفعو وري نيڪيدارن کي منهن ٽوڙ جواب ڏيئي روانو ڪري ڇڏيو. جڏهن نيڪيدارن پاڻ کي خوار ٿيندي ڏٺو. تڏهن اهي ساڳيا ماڻهو، جيڪي بابا کي سڱ نه ڏيڻ جون صلاحون ڏيندا هئا. اڄ انهن ساڳين ماڻهن اچي بابا کي"لگن" (شادي جي تاريخ) جو پنو آڻي ڏنو ۽ بابا کي چيو ته"گهٽي ڇڪنداسين ته ٽٽندي" پاڻ نياڻين کي شينهن ڪلهي چاڙهي پنهنجو فرض پورو ڪريون ٿا. پوءِ هنن جو ڪٿي پاڳ! ڇيلهار

وارن کان گيتا جي بدلي سگ وري سندس شادي کان پوءِ وننداسين ۽ ائين ڪاڪي ساجن ۽ سندس ڪنور سيلو بابا هريش جي هٿ ۾ ڳاڙهي پين سان لکيل"لگن" جو پنو ڏنو. ١٧ فيبروري ٢٠٠٧ع تي چيلهار شهر ۾ مهاراج مهيش وٽ پرت ۽ ڀڳوانداس عرف(سيلو) پاران ٽيپڻو مطابق لکايل لگن ۾ شادي جي تاريخ ١٩ ۽ ٢٠ اپريل ٢٠٠٧ع ڊيڪاريل ۽ مقرر ڪيل هئي. مذڪوره لگن ڪاڪي ساجن جمع ٢ مارچ ٢٠٠٧ع تي پنهنجي پٽ ڀڳوانداس جي هٿ ۾ ڏنو ۽ ڀڳوانداس وري اهو لگن جو پنو ڇنڇر ٣ مارچ ٢٠٠٧ع تي اهو پنو ۽ شادي جي رسم مطابق"مڏهه ڪوڙ" اچي چيلهار وارن کي هٿ ۾ ڏنو.

"مڏهه ڪوڙ" ۽"لگن" ملڻ کان پوءِ ٻنهي پاسن کان شادين جون تياريون شروع ٿي ويون. ڪارڊ ڇپجڻ لڳا، عزيزن، مٽن مائٽن ۽ دوستن کي دعوتون ملڻ لڳيون. نيٺ آخر نيڪ جمع جي ڏينهن ٢٠ اپريل ٢٠٠٧ع تي رات جو ١٠ بجي اسان جي گهر ميرپورخاص اچي ٻه ڄڃون لٿيون. هڪڙي چيلهار مان دولت ٿري جي ۽ ٻي راڻا جاگير مان پيٿوبي گوپال جي. رات جو هڪ ۽ ٻه بجي جي وچ ڌاري گهر ۾ هڪ پاسي دولت ۽ گيتا ته ٻئي پاسي سگهڙ ۽ گوپال شادي جي رسم مطابق چوئري جا ڦيرا ڦريا، چوئري ۾ سگهڙ ۽ گوپال ته الائي ڪيترا ڦيرا ڦريا، پر مون ۽ دولت پورا ست ڦيرا ڪاڍا. چاڪاڻ ته چوئري جي رسم پوري ڪرڻ وارو مهاراج ٻنهي پاسن کان ڪارڪون، ڪوپرا، پتاشا ۽ پئسا ڪٺڻ ۾ پورو هو ۽ ڪيس لالچ ۾ خبر ئي نه پي پيئي ته گهوٽ ۽ ڪنوار ڪيترا ڦيرا ڪائي چڪا آهن. چوئري جا مون تن جي جاءِ تي چار ڦيرا ڪاڍا دولت هڪڙي ڦيري جي جاءِ تي ٽي ڦيرا ڪاڍا. ٻنهي جا ڦيرا مڪمل ٿيڻ تي جڏهن اسين ٻيٺاسين ٿي، ته مهاراج ذر ذر آواز پئي ڏنو ته"اڃان اڳتي اڃان اڳتي" ائين اسان ٻنهي ڄڻن چوئري کي هڪ ڊرامي جو سين ٿيندو ڏسي هميشه لاءِ مقرر ڪيل ڇئن ڦيرن بدران ست ڦيرا ڪائي چوئري تان هيٺ لٿاسين. رات جو ڪاڪي ساجن چيلهار وارن جي ڏنل سورن جو بدلو وننڊي ماني توڙي چانورن ۽ پاڇي ۾ لوڻ، مرچ ۽ پاڻي حد حساب کان وڌيڪ وڌو. جنهن ڪري ڪنهن ٻه ڇاچي ماني ڪونه ڪاڌي ۽ رات سڄي ڪنوارين کي گاريون ۽ گندا جملا ڳالهائيندا رهيا. صبح جو گهوٽيتن کي هڪ دفعو وري ساجن ناشتي ۾"تمام هلڪو" ڪاڌو ڪارايو، جنهن ٻه سيني تي آڱريون کٽايون، بعد ۾ شادي جون سپيئي رسمون

پوريون ڪري ٽيهري جو ڇڇن ڪي پنهنجي ماڳ مڪانن ڏانهن روانيون ڪيون ويون.

(س) شادي جي پهرين رات:-

ڇنڇر ۲۱ اپريل تي اسان جي ڄڃ جڏهن عمرڪوٽ مان ٿيندي اڇي ڇيلهار پهتي، ته هڪ دفعو وري هتي به شادي جون رسمون پوريون ڪيون ويون. رسمون پوريون ڪري ماني کائڻ کان پوءِ دولت ٿري مون کي پاڻ سان گڏ تصوير ڪڍائڻ جو چيو. جنهن تي مون صاف انڪار ڪيو ۽ اهو صرف ۽ صرف حجاب ۾. چاڪاڻ ته بروقت ڪمري ۾ ڪافي عورتون ۽ ڇوڪرا بيٺا هئا. پوءِ دولت مون کي آخري پيرو چيو، ته هينئر مون کي سفيد ڪپڙا پاتل آهن ۽ توهان تصوير ڪڍايو.... مهرباني ڪريو.... ۽ سياڻي هي سفيد وڳو مون کي پاتل ڪونه ڏسندا.... شادي رات دنيا جي احتجاج ڪرڻ تي مون الائي ڪيئن سفيد جوڙو پاتو آهي.... توهان کي خبر آهي ته منهنجو ويس به ڪارو آهي ۽ سدائين رهندو... توهان واقف به آهيو.... پر حجاب ۾ دولت جي مون هڪ به ڪونه ٻڌي ۽ هڪ دفعو وري صاف انڪار ڪري ڇڏيو ۽ انهي انڪار جو مون کي اڄ احساس ٿيو آهي.... ته دولت واقعي اصول وارو.... ۽ حق ۽ سچ چوڻ وارو ماڻهو آهي.... سوچان ٿي..... ڪاش! ان وقت دولت ٿري سان گڏ تصوير ڪڍائي ڇڏيان ها، ته اڄ ڪيڏي نه اها يادگار تصوير هجي ها! بس! هتي مان جيڪو وقت ويو اهو واپس نه ايندو آهي. هاڻي پڇتاءَ کان سواءِ بيو ڪجهه به ورڻو ناهي. رات جو ۱۲ بجي تصويرن جو وقفو پورو ٿيڻ کان پوءِ گپ شپ بعد تقريبن هڪ بجي ڪمرو خالي ڪري اسان ٻنهي جي حوالي ڪيو ويو ۽ ائين اسان جي شادي جي پهرين رات جي شروعات ٿي. من ۾ سوچن جو ساگر ڇلڪڻ لڳو ۽ ڪجهه گهبراهٽ ٿيڻ لڳي. سهيلين ۽ سرتين جون سيڪاريل ڳالهيون ياد اچڻ لڳيون. ٿوري دير کان پوءِ ڏٺم ته ڪمري ۾ منهنجي سوچن، خيالن، خواهشن ۽ خوابن بدران اُبتي ۽ الٽي گنگا وهي رهي آهي. دولت ٿري مون سان ڳالهائڻ جو نالو ئي نٿو وٺي... پاڻ قميص لاهي وڃي بيڊ تي سمهي رهيو آهي. آئون ڪنڊ ۾ الماڙي جي پر ۾ ماٺ ڪري ويٺي آهيان. تقريبن هڪ ڪلاڪ جي دير کان پوءِ مون سان مخاطب ٿيندي چيائين ته..... مون سان گڏ سمهڻو اٿئي ته سمهو. نه ته اهو مون کي نٿو جڳائي ته آئون ڪنهن معصوم کي زوري زبردستي جهلي پاڻ سان گڏ سمهاري جنسي زيادتي ۽ ڏاڍائي جو نشانو

پوءِ دولت جهڙ ۾ هڪڙو ڪڪاٽو چوئنرو ليٽرين باٿ روم ۽ لوڙهو وغيره تيار ڪرائي، مون کي چيائين، هي تنهنجي سوال جو جواب. اڄ کان پوءِ"هي گيتا جو گهر آهي."

شادي کان پوءِ دولت ٿري ڪنهن به ديو، ديوتا ۽ شڪتي جي ٿان يا آستاني وغيره تي پوڄا پاٺ ڪرڻ ۽ حاضري ڀرڻ ڪونه ويو ۽ نه ئي مون کي وٺي ويو. جيئن عام طور تي هندو ۽ دراوڙ ماڻهو شادي کان اڳ ۽ پوءِ ڪندا آهن. سوال ڪرڻ تي جواب ڏيندي مون کي ڀڳت ڪبير جي ساکي ٻڌايائين:

**"پٿر پوجني سي"پريو " ملي تو مين پوجون موٽا پهاڙ**
**نه تو ايئه پٿر سين چڪي ڀلي جو پيسي کاءِ لوڪ سنسار "**

سمجهاڻي: ڪوي ڀڳت ڪبير چوي ٿو، تـه"جيڪڏهن پٿر پوڄڻ سان مون کي ڀڳوان(الله) ملي ته آئون پهاڙ يعني جبل جي پوڄا ڪريان ۽ سڌو وڃي ڀڳوان سان ملان. نه ته انهي کان پٿر جي اها چڪي ڀلي يعني سٺي آهي، جنهن ۾ اناج ۽ داڻا پيهي سارو لوڪ ۽ سنسار کائي ٿو." دولت ٿري جهڙو اٽل ارادن جو مالڪ، جيترو پڙهڻ سان گڏ اوترو ئي مٿس عمل ڪرڻ وارو ماڻهو مون ڪٿي به ڪونه ڏٺو. دولت جي سمجهاڻي کان پوءِ آئون به سمجهي ويس ته الله سائين ته اسان جي اندر ۾ رهي ٿو ۽ اسان ڪستوري ڪنڊل واري هرڻ وانگر ائين بن بن پيا ڀٽڪون!! سيني کي ٻوڙڻ يا تارڻ ۽ پار پهچائڻ وارو مالڪ ئي آهي، اهو تـه مندر ۽ مسجد بدران اسان جي دلين ۾ ئي رهي ٿو. پوءِ ڇو نه اسان پنهنجو پاڻ کي سڌارڻ جي ڪوشش ڪريون. مندر، مسجد ۽ پٿر پوڄڻ بدران پنهنجي ماءُ کي پوڄيون، جنهن اسان کي جنم ڏنو آهي ۽ جنهن جي پيرن هيٺيان جنت آهي. اسان جي شادي متعلق توهان کي وڌيڪ ڄاڻ ڏيان تـه منهنجي شادي ۾ بابا دعوت ڪئي هئي ۽ ڪارڊ به ڇپرايا هئا. جڏهن ته دولت پنهنجي شادي ۾ نه معمولي به دعوت ڪئي ۽ نه ئي خوشيون وغيره ڪيون ۽ نه ئي مٽن مائٽن ۽ دوستن وغيره کي گهرايو. دنيا جي دردن جو ايترو احساس جو پنهنجون خوشيون به ماتم ۾ تبديل ڪري ڇڏيائين. شادي جا ڪارڊ وغيره به نه ڇپرايائين. ميرپورخاص ڇڄ به هڪڙي جيپ ۾ وٺي آيو. اها به صفا سادي، افسوس جهڙي ڳالهه جو دولت ٿري موڙ به ڪونه ٻڌو ۽ موڙ بـه صرف اسان جي گهر پهچڻ شرط ٻاهر چاندني چوڪ وٽ ٻڌو هو ۽ جيڪو پرڻجڻ کان پوءِ لاهي

ڇڏيائين. مبارڪون به ڪنهن جون ڪونه جهليائين. جن به شادي جي مبارڪ ڏني ٿي ته جواب ۾ صرف خير چوندو ويو ٿي.

(ن) ويس ۾ تبديلي ۽ ماڻهن جو احتجاج:-

شادي جي پندرنهن ويهن ڏينهن کان پوءِ مون پولڪو. گهاگهرو ۽ چنري جي بدران شلوار چولو پائڻ ۽ روا اوڍڻ شروع ڪيا ۽ اها به اسان جي ميگهواڙ برادري ۾ نئين شروعات هئي. شهرن ۾ شلوار ۽ چولا پائڻ جو ته رواج آهي، پر ٻهراڙي جو ماحول اهڙو ڪوبه قدم کڻڻ جي اجازت نٿو ڏئي. آهستي آهستي ٻهراڙين ۾ به تبديلي اچي ويندي. جيئن وقت ۽ حالتن سان گڏ ٻهراڙين ۾ چوڙا پائڻ بدران چوڙيون پائڻ جو فيشن وڌي رهيو آهي. مون پاران شلوار چولو پائڻ تي ماڻهو ايترا ڪونه ڪليا. جيترا مون پاران بيبي ڪٽ وار نهرائڻ کان پوءِ ڪليا. چاڪاڻ ته پاڙيوارن کي اهو اوپرو اوپرو ۽ رسم رواج جي خلاف لڳي رهيو هو ۽ جڏهن ته دولت ٿري منهنجي هر خواهش ۽ خيال کي لبيڪ چئي رهيو هو. تڏهن مون کي به پاڙيوارن جي چوڻ جي ڪابه پرواهه ڪانه ٿئي. چوندا آهن ته"جي هوندو رب راضي ته ڇا ڪندو ملان قاضي." وقت ۽ حالتن سان گڏ ۽ پڻ دولت ٿري جي اٿڻ ۽ ويهڻ کي ڏسي، منهنجي سوچن ۾ به ڏينهون ڏينهن تبديلي ايندي وئي ۽ دولت جي صحبت جو اثر به ڪافي مون تي ٿي رهيو هو. آئون دولت کان هر وقت مختلف قسمن جا سوال جواب ڪندي هيس جيئن بدلجندڙ موسم ۽ ماحول کي منهن ڏيئي سگهجي، جواب ۾ دولت به مون کي آئين، قانون ۽ برابري جي حقن بابت ليڪچر ڏيندو هو. جن کي ٻڌي ۽ سمجهي مون ۾ وڏيڪ جوش ۽ جذبو جاڳندو هو. هي اهو وقت هو. جڏهن آئون دولت ٿري تي بلڪل فدا ٿي وئي هيس ۽ سندس سنين سنين ۽ پيار پريل برابري جي بنياد تي ٻڌل ڳالهين منهنجو من موهي وڌو هو. متس موهت ٿيڻ کان پوءِ مون به سندس وانگر هر ڳالهه ۽ هر خواهش کي لبيڪ چوڻ شروع ڪيو ۽ اسان ٻنهي ڄڻن هڪ ٻئي جي مرضي معلوم ڪرڻ کان سواءِ ڪوبه قدم نه کڻڻ جو فيصلو ڪيو.

هلندي هلندي زندگي جي جيون سفر ۾ جڏهن مون دولت ٿري کان سدائين لاءِ ڪارا ڪپڙا پائڻ جو سبب پڇيو، ته هن مون کي مطمئن ڪندي دير ئي ڪونه ڪئي ۽ منٽ ۾ ساري سنسار جي صورتحال کان آگاهه ڪيائين، چوڻ لڳو:

تو ڪالا پهنو اور ماتم ڪرو دولت دنيا دکي هـ
لوگ خوشيان مناتي رهين گي جانتي سنسار سکي هـ
چيم پوءِ ماٺهو توهان تي ڪهڙا الزام پيا مڙهن؟ چيائين.... پرواهـ ناهي...

تو ڪالا پهنو اور ماتم ڪرو دولت دنيا دکهي هـ
ڪوئي تجهي ڀلا ڪهي گا ڪوئي تجهي برا ڪهي گا
يـ سنسار سؤ مکهي هـ
تو ڪام سي اپنا ڪام رک اور دل ۾ "رام" ڪا نام رک
آخر يـ ڪام رنگ لائي گا اور تجهي آنند آئي گا
"ايک دولت مان کي شيوا ڪرو
اور دوجا ڪوئي نـ ڪان ڌرو
بس! يهي ايک ڪام ڪرو
دولت صبح وشام ڪرو.

(م) ڪارو ويس:-

دولت شاعري ۾ جتي دنيا جو درد محسوس ڪرڻ جي ڳالهـ ڪئي ۽ پنهنجي ڪاري ويس پائڻ جو سبب بيان ڪيو، اتي ڪيس چيم، تـ آئون بـ توهان جهڙا ڪارا ڪپڙا پائينديس، چيائين.... پوءِ تـ.... بـ تـ پارنهن." پر شرط اهو آهي تـ سچي زندگي پائڻا پوندا. چيم، قبول آهي. جيڪڏهن منهنجو پيارو پتي(مڙس) ڪارا ڪپڙا پائي ٿو، پوءِ مون کي ڪارا ڪپڙا پائڻ ۾ ڪهڙو حرج آهي.؟! جهڙو توهان جو ويس هوندو تهڙو منهنجو ويس هوندو. دنيا ڪلي تـ ڪيس ڪلڻ ڏيو. منهنجو مرڻ جيئڻ هاڻي توهان سان آهي. توهان جيڪڏهن مرد آهيو تـ آئون بـ هاڻي مرد بڻجان ٿي ۽ اهو شروع ۾ منهنجو خواب هو ۽ مردن کي آزاد گهمندو ڦرندو ڏسي، آئون سوچيندي هيس تـ ڪاش! آئون بـ ڇوڪرو ٿيان يا هجان ها ۽ مردن وانگر آزاد گهمان ۽ ڦران ها! دولت ٿري منهنجي سوچ ۽ خيال سان متفق ٿيندي مون کي لبيڪ چيو ۽ چيائين تـ پوءِ دير ڇاجي؟ توهان پنهنجي زندگي جو هر فيصلو ڪرڻ ۾ آزاد ۽ خود مختيار آهيو. مون کي پڇڻ جي ضرورت ڪهڙي آهي؟ چيم، توهان ئي تـ چيو هو، تـ ٻئي ڄڻا هر ڳالهـ تي متفق ٿي، پوءِ گڏيل رضامندي سان ئي ڪو فيصلو ڪنداسين. چيائين، آفرين(شاباش) هجي توکي گيتا! ائين جيڪڏهن سڀ مرد ۽ عورتون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ ٻئي جي حقن ۽ فرضن جو خيال رکن ۽ هڪ ٻئي جي چوڻ تي هلن. هڪ ٻئي تي اجايا شڪ ۽ شبها، وهم ۽ گمان ڪرڻ کان پاسو ڪن. هڪ ٻئي کي برابري جي بنياد تي آزادي ڏين. آئين، قانون ۽ انساني حقن جي پاسداري ڪن، تہ دنيا ۾ هڪ وڏو انقلاب اچي وڃي ها ۽ ڪنهن کي بہ ڪا تحريڪ هلائڻ ۽ جدوجهد ڪرڻ جي ضرورت ئي نہ پيش اچي ها! دولت ٽري جي مذڪوره ڳالهين مون ۾ هڪ دفعو وري نئون جوش ۽ جذبي جو روح ڦوڪي ڇڏيو ۽ مون يڪدم دولت ٽري کي عرض ڪيو تہ هينئر ئي بازار وڃو ۽ مون کي ڪارا ڪپڙا آڻي ڏيو!

(هـ) احتجاج:-

اڳارو ٢٨ آگسٽ ٢٠٠٧ع تي اهو رڪشا بندن(رڪڙي پونمر) جو پلارو تهوار هو، جنهن ڏينهن مون دولت ٽري سان سچي زندگي ساٿ نڀائڻ جو وچن ڪندي پنهنجا هار سينگار ۽ بخملي ويس وڳا اتاري.... لاهي... ۽ اڇلائي ڇڏيا ۽ بعد ۾ ڪارا ڪپڙا پائي وڃي دولت ٽري سان گلي مليس. دولت ٽري چوڻ لڳو: گيتا ڏسو نہ! ماٺهو مسئلن جي حل لاءِ پنهنجي ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي گورنمينٽ کي پنهنجو احتجاج رڪارڊ ڪرائين ٿا، پر پاڻ ماڻهن جا مسئلا حل ڪرائڻ لاءِ سڄي زندگي ڪارا ڪپڙا پائي حڪومت کي پنهنجو احتجاج رڪارڊ ڪرائيندا رهنداسين. ڇاڪاڻ تہ پنهنجي ويچاري عوام جا مسئلا ڪڏهن ختم ٿيڻ وارا ئي نہ آهن. ٿر ۾ واري تہ ٿورڙي آهي، پر مسئلا انهي کان بہ گهڻا آهن. پوءِ اهي مظلوم عورت جا هجن يا مرد جا. بنيادي حقن تي ڌاڙو هجي يا وسيلن تي. انساني حقن جي خلاف ورزي هجي يا بنيادي حقن جي پيچڪڙي... توهان ڏسو نہ! پاڪستان ۾ تہ روزانو آئين، قانون ۽ انساني حقن جون ڌڄيون اڏايون وڃن ٿيون. دنيا جي ڳالهہ ڪرڻ کان ٻاهر آهي. هتي ڌاڙو سو ڳابو آهي ۽ ڌاڙي جي لٽ کي ڌهہ مٿا آهن. نہ آئين جي بالادستي آهي، نہ قانون جي حڪمراني ۽ نہ ئي انساني حقن جي آزادي. عورتن جي زبانن کي خاموشي جا تالا لڳل آهن، اهڙا ڇاڻا جا تالا جيڪي ڪڏهن بہ کلي نٿا سگهن. ويچاريون معصوم ۽ مظلوم عورتون روزانو بي گناهہ ڪاريون ٿي ڪسجي رهيون آهن. آزادي سان گهمڻ ڦرڻ تہ نهيو، پر ڪيس گهر ۾ ڳالهائڻ جو بہ حق ڪونهي.

عوام اٿي، لٽي ۽ اجهي لاءِ دانهون ڪري رهيو آهي. ماڻهو لنگهون ڪاٽڻ تي مجبور آهن. دراوڙن جو ڪير ڏٽي سائين ڪونهي. هاري ويچارا وڏيرن جي نجي جيلن ۾ قيد ۽ جبري پورهيو ڪرڻ تي مجبور آهن. خفيه ايجنسيون ماڻهو اغوا ڪري رهيون آهن. عدالتن ڪان متانهان قتل ڪيا پيا وڃن. عدليه آزاد ڪونهي، جج يرغمال ۽ نظربند بڻيل آهن. فوجي جنرل جمهوريت ۽ ادارن تي قابض آهن. سڄي سنڌ سميت پورو پاڪستان بدامني جي ور چڙهيل آهن. ماڻهو پنهنجي گهرن ۾ به محفوظ آهن. ڏينهن ڏٺي جو شهرن ۽ روڊن تي اغوا، ڦر، ڌاڙا ۽ خونريزين جون وارداتون معمول بڻيل آهن. قانون وڏيرن، پيرن، ميرن، سردارن ۽ جنرلن وٽ قيد بڻيل آهي. امن جو پکيئڙو ڪوهين ڏور پري اڏامي هليو ويو آهي. قانون جا رکوالا قانون شڪن بنجي رهيا آهن. خاڪي ۽ ڪارا ڪتا معصوم ماڻهن کي سرعام گولين جو بک بڻائي رهيا آهن. ملڪ ۾ انتها پسندي عروج تي آهن. پاءُ پاءُ جي خون جو پياسو آهي. ادارن ۾ واڳون وات ڦاڙيو وينا آهن. سفارش ۽ پئسي ڪان سواءِ ڪنهن جو ڪم نٿو ٿئي. ڌارين ماڻهن اچي ڌرتي تي ديرو ڄمايو آهي. مطلب هر پاسي عوام جون آنهون، دانهون، ڪوڪون، چيخون ۽ پڪارون آهن سندس ڪير به سڌ سٽڻ لاءِ تيار ڪونهي. امير ڏينهون ڏينهن امير ۽ غريب ڏينهون ڏينهن غريب بڻجي رهيو آهي. ڏاڍو ڏينهون ڏينهن ڏهڪاءُ پکيڙي رهيو آهي، ته هيڻو ويتر هيڻو ٿي رهيو آهي. هر پاسي ڏک جي لهر آهي. خوف جي فضا آهي. سوڳ جو سمو آهي. عوام تڙپي رهيو آهي. سڌڪي رهيو آهي. ڦٿڪي رهيو آهي. لڇي رهيو آهي. پڇي رهيو آهي. پر ڪيس ڪير به ڳس جو ڏس ڏيڻ لاءِ تيار ڪونهي. پڙاڏو ۽ پڙلاءُ بڻجڻ لاءِ تيار ڪونهي ۽ اهڙي اوکي ويل ۾ پاڻ عوام سان ڏک ۾ برابر جا شريڪ نه ٿيون. ڪارا ڪپڙا پائي ماتم نه ڪريون. عوام جي حقن لاءِ احتجاج نه ڪريون. ٻئي جو ڏک سور، درد، پيڙا، پوڙنا ۽ مشڪلاتون محسوس نه ڪريون. ٻئي جي مشڪل گهڙي پنهنجي مشڪل گهڙي نه سمجهون. ته پوءِ اسان ڇڻ انسان ئي نه آهيون. اسان تي خالي انساني چمڙي جو ڪلسو آهي. حيوانن ڪان به ويل آهيون ۽ اهڙين حالتن ۾ اسان کي انسان سڏائڻ جو ڪوبه حق باقي نٿو بچي.

هڪ دفعو وري دولت تري جون اهڙيون هانءُ ڏاريندڙ ۽ لڱ ڪانڊاريندڙ ڳالهيون ۽ درد پريا داستان ٻڌي منهنجي پيرن هينيان زمين نڪري

وٺي ۽ آئون پاڻ سنڀالي نہ سگھيس. ٿوري دير کان پوءِ جڏھن مون کي ھوش آيو، تہ ھڪ دفعو وري نئين جوش ۽ جذبي سان دولت کي چيم تہ منھنجا ارادا بہ ھاڻي ڪارونجھر جبل جيئان اڏول ۽ اٽل آھن. توھان فڪر نہ ڪريو. صرف قدم اڳتي وڌايو. گيتا توھان سان گڏ آھي. پاڙيوارا ۽ ڪاڪا ڪاڪيون پلي پاڻ سان نہ ڳالھائين ۽ نہ ئي پنھنجي گھر اچڻ ڏين. پاڻ کي ڪابہ پرواھہ ڪانھي.

(ش) ڇوڪري مان ڇوڪرو بڻجڻ:-

جيئن مون پھرين ذڪر ڪيو، تہ مون کي ڇوڪرو ٿيڻ جي خواھش ھئي ۽ دولت ٺري جي صحبت ۾ رھندي، جڏھن اسان روزانو ھڪ ٻئي سان خيالن جي ڏي وٺ ڪندا ھئاسين، تہ ھڪ ڏينھن دولت کي چيم، تہ مون کي افسوس آھي جو"آئون ڇوڪرو ڪونہ ٿيس.! منھنجي ڳالھہ ٻڌي دولت يڪدم چيو، تہ ھاڻي باقي ڇا بچيو آھي؟ توھان ھار سينگار ۽ ويس وڳا سڀ لاھي ڪارا ڪپڙا پائي ڇڏيا آھي، ھاڻي جيڪڏھن چئو تہ، ڇوڪرن جھڙا وار آئون ڻاھيا! چيم، جيڪو توھان جي مرضي، توھان کي جيڪڏھن مناسب لڳي ٿو تہ ائين بہ صحيح آھي ۽ پوءِ ۲۵ سيپٽمبر ۲۰۰۷ع تي اھو اڱاري جو ڏينھن ھو، جنھن ڏينھن دولت ٺري منھنجي بيبي ڪٽ وارن کي بدلائي ڇوڪرن جھڙا وار ڻاھيا ۽ ھاڻي آئون ھڪ نينگري مان ڇوڪرو لڳي رھي ھيس. اجان ھن وقت منھنجي ھٿن ۽ ٻانھن ۾ صرف ٻہ ٽي چوڙيون بچيون ھيون ۽ باقي ڳلي ۾ ھڪڙو رئو(پٽو) ڪارن ڪپڙن ۽ ڇوڪرن جھڙن وارن تي پاڙي وارن ۽ ٻين عزيزن ۽ رشتيدارن سخت احتجاج ڪيو، پر اسان بہ انھن جي آڻ نہ مڃي ۽ پنھنجي ڪم کي لڳل ۽ مشن کي اڳتي وڌائيندا رھياسين. ٻيو تہ سماجي ريتن رسمن جي حامين جو اھو احتجاج اجايو ۽ بي معنيٰ ھو، ڇاڪاڻ تہ، دولت ٺري اھا ڪو مون سان زوري زيادتي ڪونہ ڪئي ھئي، پر انھي ۾ اسان ٻنھي جي گڏيل رضامندي شامل ھئي. مذڪوره معاملي تي ماٺھن جڏھن زبردست احتجاج ڪيو تہ دولت اھڙن ماڻھن سان مھاڏو اٽڪائيندي ۽ پڻ ڪيس منھن ٽوڙ جواب ڏيندي مون کي چيو، تہ گيتا سنڌي! ھاڻي توھان ڳچي ۾ پيل رئو(پٽو) پڻ اڇلائي ڇڏيو. ڏسون سماجي ريتن. رسمن جا ٺيڪيدار ڇا ٿا ڪن؟! ۽ اھو ۲ آڪٽوبر ۲۰۰۷ع تي اڱاري جو ڏينھن ھو، جڏھن مون معمولي ڳلي ۾ لڙڪندڙ

حجاب جو پردو به هٽائي اجلائي پرتي ڦٽو ڪيو. مون ڪي نه صرف دولت ڏري جو حڪم ڏي ڪيپيو. پاڙي جي ۽ سماج جي ٺيڪيدارن جي مون ڪي پرواهه ڪونه هئي! ويچاريون مظلوم عورتون جيڪي پنهنجن گهرن ۾ به برقعا، پردا ۽ گونگهٽ ڍڪن ٿيون. اتي جيڪڏهن مون جهڙي نئين نويلي ڪنوار سماجي ريتن رسمن جي ٺيڪيدارن جي اڳ ۾ سرعام منهن اگهاڙي هلي ۽ گهمي ڦري ته پوءِ احتجاج نه ڪندا ٻيو ڇا ڪندا؟ اهڙي اڏول، اٽل ارادن جي مالڪ ٿي اهي آڪ ته ائين ڇپندا پر ڪيس سماجي ريتن رسمن ۾ جڪڙڻ جا جتن ڪندي پنهنجا ٣٢ زور به لڳائيندا ۽ پوءِ به جيڪڏهن چوڻ ۾ نٿو اچي ته ڪيس پٽ برادري مان ڪيڏندا ۽ سندس سماجي بائيڪاٽ به ڪندا. توهان ڪي ٻڌائيندي هلان. ته اسان وٽ يعني ميگهواڙ برادري ۾ سماجي ريتون ۽ رسمون آهن ڏاڍيون ڏکيون. پر سندس جڙون ۽ پاڙون ايتريون مضبوط نه آهن. جيتريون اپر سنڌ ۾ سرداري نظام جون مضبوط آهن. ٿرپارڪر ۾ جيڪڏهن اپر سنڌ جهڙو سرداري نظام رائج هجي ها. ته اسان ٻئي ڄڻا هن وقت ڪڏهوڪا اڳ ۾ قتل ٿي چڪا هجون ها! پر غربت ۽ پسماندگي مڙس ماڻهن ميگهواڙن ڪي ماري وڌو آهي. سو مون پاران گونگهٽ ڇڏڻ ڪان پوءِ هڪڙي پاسي پاڙي جا مرد توڙي عورتون ۽ بار توڙي ٻڍا حيران ۽ وائڙا ٿي ويا. منهنجي سس ڏيٺا ڀائي سميت سڀني پاڙيوارن عورتن توڙي مردن منهنجي نانءُ جي تذليل ڪندي اهو زهر اوڳاڇڻ شروع ڪيو. ته"هن رن ته اسان جو نڪ وڍائي ڇڏيو آهي اسان دنيا ۾ نڪ ڪٽي هلڻ جهڙا نه رهيا آهيون." ته ٻئي پاسي پنيلن ۽ ٺيڪيدارن اسان ڪي روز جون نت نيون ۽ عجيب حرڪتون ڪندي ڏسي، منزل مقصد ۽ راهه تان هٽائڻ لاءِ اسان جي واٽن تي ڪنڊا ۽ ڀڳل ٽٽل شيشا پکيڙڻ سان گڏ زماني ۾ طرح طرح جا افواهه ڦهلائي ڇڏيا. چاڪاڻ ته. سماجي ريتن رسمن جا حامي ماڻهو اسان سان منهن مقابلي ٿي وڙهڻ جي پوزيشن ۾ نه هئا ۽ اهو انهي ڪري ته اسان ٻئي ڄڻا هڪ ته صحافي هئاسين. ٻيو ته هيومن رائيٽس ڪميشن آف پاڪستان جا ڪارڪن هئاسين. ٽيون ته اسان ٻئي ڄڻا هر قدم گڏيل رضامندي سان کڻندا هئاسين ۽ چوٿون ته اسان اصول پسند ۽ اٽل ارادن جا مالڪ پنهنجي بي باڪي ۽ دليري جو مظاهرو ڪندا هئاسين ۽ ائين اسان مشڪلاتن ڪي مڙس ماڻهو ٿي منهن ڏيندا رهياسين ۽ اڄان به وقت جي بي معنيٰ احتجاج ڪي مڙس ماڻهو ٿي منهن ڏيندا پيا اچون... ۽ اسان جي منزل اڄان به اڳتي، لکن ڪروڙن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان به اڳتي، ڪاڪ ڪنڌي ڪان به اڳتي آهي.... الله سائين اسان ٻنهي کي شل همت ۽ توفيق عطا فرمائي. (آمين)"دولت تم قدم بڙهائو، گيتا تمهاري ساٿ هي"

(ڪ) گهر مان ٻاهر نڪرڻ:-

اڄان سماجي ريتن، رسمن جي حامين جو احتجاج جاري هو/آهي ۽ سپ ڪم قسطن ۾ ڪندي، هاڻي منهنجي هٿ ۽ ٻانهن ۾ صرف ٻه - ٽي چوڙيون بچيون هيون. ۵ آڪٽوبر ۲۰۰۷ع جمعي جو اهو پلارو ڏينهن هو، جڏهن آئون ۽ دولت ٽري ۱۲ بجي ڏاري گهران اسپتال لاءِ نڪتاسين. اسان ٻنهي جو ڪاري ويس ۾ اهو پهريون پيرو گهر کان ٻاهر نڪرڻ هو. گهران نڪري هيلٿ سينٽر چيلهار پهچڻ تائين مون کي وچ رستي ۾ ڪنهن به ڪونه سجاتي ته هي ڪو چوڪري آهي. منهنجي ابتي ٻانهن ۾ باقي بچيل ٽي ڪاريون چوڙيون مرداني ويس تي اوکيون اوکيون لڳي رهيون هيون ۽ وچ شهر ۾ ويندي ويندي مون کي مڙس ماڻهن جو اهو مهڻو ياد آيو، جنهن ۾ مرد هميشه هڪ ٻئي سان وڙهندي وڙهندي چوندا آهن، ته اسان به چوڙيون ڪونه پاتيون آهن، يا اسان جي به چوڙيون ڪونه پاتل آهن." سو هڪ چوڪرو ٿيڻ کان پوءِ مردن جي انهي مهڻي کي مدنظر رکندي مون انهن ٽنهي ڪارين چوڙين کي ٽوڙڻ جو فيصلو ڪيو ۽ چاڪاڻ ته مون ۾ ظاهري طور تي ڪوبه نشاني موجود ڪونه هئي ۽ ٻانهن ۾ صرف چوڙيون ئي هيون. هڪڙي چوڙي چيلهار بس اسٽينڊ جي پرئين پاسي ٽوڙي اڇلي، ٻي چوڙي پيٽرول پمپ وٽ روڊ ڪراس ڪندي مٽي جي پيرن ۾ پيجي اڇلي ۽ ٽين چوڙي هيلٿ سينٽر چيلهار جي گيٽ وٽ ٽوڙي ٽي ٽڪر ڪري ڏاڍي زور سان اڇلي پوءِ دولت جي پويان هلندي هلندي سڌي ڊاڪٽر جي ڪمري ۾ وڃي ڪرسي تي ويهي رهيس. مرداني ۽ ڪاري ويس ۾ زندگي جي نئين سفر جي اها پهرين شروعات هئي، جيڪا مون دل کي ڏڍ ڏيندي دولت ٽري سان گڏ حجابن جي هڇڪچاهٽ ۾ ڪئي هئي. مڙس ماڻهو ٿيڻ جو شوق مون کي شروع مان هو. پر سنڌ جي صدين کان مظلوم ناري هئڻ جي حوالي سان شروع ۾ گهر کان ٻاهر اگهاڙي منهن نڪرندي ٿورو ٿورو ڊپ ۽ حجاب ضرور ٿيو. پر پوءِ دولت ٽري جي ساٿ سان ماشاءالله بي فڪر ٿي بازار گهمان

مون کي اڪيلي هرڻي وانگر ٻن ٻر گهمندي ۽ ڦرندي ڏٺي، تہ اهي مون کي پنهنجي حوس ۽ شڪار جو نشانو بڻائيندي دير ئي ڪونہ ڪندا.

۹ آڪٽوبر ۲۰۰۷ع تي اڳاري جو اهو ڏينهن هو، جنهن ڏينهن دولت ٽري سان گڏ آئون مائٽي(ميرپورخاص) وڃڻ لاءِ بس اسٽينڊ ڇيلهار تي پهتي هيس، تہ اتي تلجارام مهاراج جي دڪان تي موجود ڳوٺ سانڌهور جي رهواسي وحشي درندي حيات مگريي مون ۽ دولت ڀاران تعارف ڪرائڻ باوجود هن يقين نہ ڪيو ۽ هن منهنجي ڳلن تي هٿ ڦيريا. ٻانهن مان جهلي ڇڪيائين تہ اڙي! مون سان گڏ هل دولت جو سالو آهين... تنهنجي ڪجهہ مهماني ڪريون..!! سوچيان ٿي، اهڙا وحشي درندا عورتن سان تہ ائين ظلم ڪن ٿا، پر اهي معصوم ٻارن کي بہ بخش ڪونہ ٿا ڪن. شرم اچڻ گهرجي اهڙن وحشي بگهڙن کي، جيڪي پنهنجي اولاد جيڏن معصومن کي جنسي طور حراسان ڪن ٿا زوري زبردستي زيادتي ڪن ٿا. ڏاڍائي ۽ حوس جو نشانو بڻائين ٿا. ڇا حيات مگريي جهڙا وحشي درندا ڪڏهن پنهنجن معصوم ٻارن کي جنسي حوس جو نشانو بنائڻ جو سوچي سگهن ٿا؟ جيڪڏهن نہ ۽ پنهنجا ٻار پيارا آهن، تہ پوءِ ٻين جي ٻارن کهڙو ڏوهہ ڪيو آهي؟ اهي بہ پنهنجي مائٽن کي ايترائي پيارا آهن. جيترا وحشي بگهڙؤ توهان کي پيارا آهن! ۹ آڪٽوبر اڳاري جو ڏينهن مون کان ڪڏهن وسرڻو ئي ناهي، جنهن ڏينهن حيات مگريي جي وحشياڻين حرڪتن کان پوءِ آئون دولت سان گڏ ڀڳوان جي پياري ڀڳت ۽ ٽيلر ماسٽر دليپ ڪمار جئپال جي دڪان تي وئي هيس. ڏنم تہ هتي بہ سوائي ميگهواڙ(هريجن پاڙو ڇيلهار) جهڙا ٽرڙا ۽ واهيات ڇورا معصومن جو پيڇو ڪيو بيٺا آهن ۽ پوءِ دليپ جو پاءُ موهن ڪمار مون کي هڪڙي پاسي ڪرسي رکي ڏيئي ويهڻ جو چوي ٿو. اهڙا تہ مون سان انيڪ واقعا پيش آيا آهن، هتي جيڪڏهن انهن سڀني جا تفصيل لکندس، تہ هڪڙو الڳ ڪتاب ٺهي پوندو. دولت ٽري سان جڏهن مذڪوره پيش ايندڙ واقعن بابت پڇان ٿي، تہ دولت وراڻي ٿو، تہ مرداڻي سماج جو مشاهدو ڪرڻ لاءِ اهو سڀ ڪجهہ توهان کي برداشت ڪرڻو پوندو. صفا ماڳهئين بہ نہ. هتي مان حالتون نہ ڪرندي ڏسي مزاحمت بہ ڪندا وڃو. ائين جيئن ڇنڇر ٦ آڪٽوبر ۲۰۰۷ع تي شهر جي هڪ ڇڙواڳ ۽ اوچ ذات جي هندو واڻياڻي"پومي" سان ڪئي هئي. اها ساڳئي پومي واڻياڻي، جڏهن اربع ۱۷ آڪٽوبر ۲۰۰۷ع تي شام جو جيٺ پريتم ڪمار جي گهر مون کي هڪ دفعو

وري مرداڻو لباس پائڻ تي گهٽ وڌ ڳالهائي ٿي. (جيئن عام ميگهواڙ عورتن کي ڳاڙهن ۽ پونڌا ڏيندي آهي) ته آئون دولت تري سان گڏ هڪدم چيلهار پوليس ٿاڻي پهچي صوبيدار هوتچند ميگهواڙ جي هٿ ۾ پومي واڻياڻي خلاف درخواست ڏيان ٿي ۽ ڪيس مذڪوره چڙواڳ واڻياڻي (سينياڻي) خلاف هڪدم ڪارروائي ڪرڻ جي گذارش ڪريان ٿي. اها پومي واڻياڻي، جنهن جي پٽ ايس ايچ او نندلعل مهيشوري ماتلي ۾ مقرري دوران هڪ خاصخيلي برادري جي فرد کي وحشياڻي تشدد جو نشانو بڻائي ڪيس ماري ڇڏيو هو. واضح رهي ته پومي واڻياڻي خلاف پوليس کي درخواست ڏيڻ کان پوءِ هن معافي وٺي پوءِ جان ڇڏائي هئي. باقي مرداڻي ويس کان پوءِ شايد اها آئون پهرين عورت آهيان، جيڪا جتي به ويندي آهيان. ته اتي ماڻهن کي هٽ ڏيندي آهيان ۽ ته جهڙي ماحول ۾ مون پاران اهڙو قدم کڻڻ تي ماڻهو سڀ حيران آهن. ڪافي ماڻهو مرداڻي لباس ۾ مون کي سڃاڻيندا به ڪونه آهن. انهي ڪري به مون سان مذاق وغيره ڪري ويهي رهندا آهن ۽ اهڙا واقعا مون سان مائٽن ۾ به پيش آيا آهن ته ساهرن ۾ به ۽ تقريبن هر هنڌ. انهي ڪان علاوه مرداڻي لباس پائڻ کان پوءِ مون کي گهٽي مشڪلات بسن ۾ سواري وقت پيش ايندي آهي. جتي عورتون هڪ ته مون سان گڏ ويهڻ لاءِ تيار نه هونديون آهن. ٻيو ته عورتون مون کي به پاڻ سان گڏ ويهارڻ لاءِ به تيار نه هونديون آهن ڇاڪاڻ ته ويچاريون سمجهن ٿيون، ته هي ڇوڪري نه پر ڇوڪرو آهي. ٻيو ته عورتن کان علاوه ڪنڊيڪٽر به مون کي بسن ۾ ليڊيز سيٽ تي ويهڻ نه ڏيندا آهن ۽ بسن ۾ مون سان اهڙا ڪافي دلچسپ واقعا به پيش اچي چڪا آهن. جن ۾ ڪافي عورتن مون کي پير ۾ ويهڻ تي گاريون به ڏنيون آهن، وڙهيون به آهن، گهٽ وڌ به ڳالهايو آهي وغيره. وغيره. ڪنڊيڪٽرن ليڊيز سيٽ تان اٿاريو به آهي ۽ پوءِ مون ۽ دولت پاران يقين ڏيارڻ تي اهي مات ڪري ويهندا آهن. ڪنڊيڪٽرن ۽ عورتن کي ته مات ڪرائيندا آهيون. پر بس ۾ سوار سوين ماڻهن کي ڪير مات ڪرائي؟ بس جي سڀ سواري احتجاج ڪري اٿي بيهي رهي ٿي، ته انهي ڇوڪري کي اٿاري بس مان ٻاهر ڪيو. ڇريو آهي ڇا! جو عورتن سان گڏ وينو آهي؟! ۽ جڏهن آئون ڪنهن عورت سان گڏ سيٽ تي ويهندي آهيان، ته انهي عورت جو مڙس ۽ ٻيو وارث وغيره به اچي منهنجي پير ۾ بيهي رهندو آهي ۽ مون تي گهري نظر

رکي ڏسندو پيو آهي. تہ ڪتي آئون پاڻ سان گڏ ويندل عورت سان ڪا"حرڪت" تہ نہ پئي ڪريان.

احتجاج بابت اطلاع:-

جيئن تہ مون پهرين ذڪر ڪيو تہ دولت تري ۽ مون(گيتا سنڌي) بنهي ڇٽن ڪارو ويس عوام جي ڏکن، اهنجن، دردن، پيڙائن ۽ پوڳنائن کي مدنظر رکي پوءِ ڪيو آهي ۽ اهو اسان جو احتجاج آهي. جيڪو گورنمينٽ آف پاڪستان خلاف سڄي زندگي جاري رهندو، جاڪاڻ تہ جيستائين پاڪستان ۾ آئين جي بالادستي، قانون جي حڪمراني ۽ انساني حقن جي بحالي قائم نتي ٿئي ۽ جيستائين پاڪستان جي ويچاري عوام جا سڀ ڏک سور ۽ سندس مسئلا برابري جي بنياد تي ۽ پڻ آئين، قانون ۽ انساني حقن مطابق حل نٿا ٿين، تيستائين"ايءُ نہ مارن ريت جو سيڻ مٽائين سون تي." ۽ اسان بنهي ڇٽن پنهنجا مطالبا ۽ سڄي زندگي ڪارا ويس پائي احتجاج جو مقصد ۽ مطلب گورنمينٽ آف پاڪستان جي هر اداري چاهي اهو سرڪاري هجي يا غير سرڪاري، عدليہ هجي يا ميڊيا وغيره سڀني ڏي هڪ تحريري درخواست لکي حقيقتن کان آگاهہ ڪري ڇڏيو آهي. پر اڄ ڏينهن تائين اسان کي صدر پرويز مشرف کان وٺي پوليس ٿاڻي جي صوبيدار تائين، ڪنهن وٽان ڪوبہ جواب موصول نہ ٿيو آهي. اڃو تہ توهان کي بہ انهي اردو ۾ لکيل درخواست جو سنڌي ۾ ڪيل ترجمو پڙهايون:

بخدمت جناب:

جناب اعليٰ:-

<u>عنوان: احتجاج بابت اطلاع خلاف گورنمينٽ آف پاڪستان</u>

عرضدار:- ا. دولت تري ڇيلهار ٿرپارڪر سنڌ

صحافي/هيومن رائيٽس ڪميشن آف پاڪستان ڪور گروپ ڪوآرڊينيٽر.

٢. گيتا سنڌي ايڇ آر سي پي ڪارڪن.

<u>عرض:-</u>

اسان ٻئي ڄڻا (زال مڙس) توهان کي هٿ ٻڌي عرض ٿا ڪريون. ته اسان گذريل ڇهن سالن کان پاڪستان ۾ انساني حقن جي بحالي، آئين جي بالادستي ۽ قانون جي حڪمراني قائم ڪرائڻ لاءِ مسلسل ڪارا ڪپڙا پائي حڪومت پاڪستان خلاف احتجاج ڪري رهيا آهيون. پر اڄ ڏينهن تائين اسان جي انهي احتجاج جو گورنمنٽ آف پاڪستان سميت ڪنهن به اداري، سياسي، سماجي ۽ سول سوسائٽي جي تنظيمن نوٽيس نه ورتو آهي. ماڻهو جتي ٻانهن ۾ ڪاريون پٽيون ٻڌي پنهنجا احتجاج رڪارڊ ڪرائيندا آهن، اتي اسان ڪاري ويس يعني ڪارن ڪپڙن پائڻ کي ئي ترجيح ڏني آهي، ڇاڪاڻ ته پاڪستان ۾ هر اينڌڙ نئين ڏينهن تي انساني حقن، آئين ۽ قانون جون سرعام ڌڄيون اڏايون وڃن ٿيون. عوام جي حق حڪمراني ۽ راءِ وٺڻ جو تصور به نٽو ڪري سگهجي، انهي تي جيڪڏهن اسان ڪارا پائي ماتم نه ڪريون ته ٻيو ڇا ڪريون؟!

جيئن ته سفيد ۽ رنگين ڪپڙا گرمي ۽ روشني کي واپس موٽائين ٿا ۽ جڏهن ته ڪارا ڪپڙا گرمي ۽ روشني کي جذب ڪن ٿا، اهڙي طرح گذريل ڇهن سالن کان مسلسل ڪارا ڪپڙا پائڻ سبب آئون(دولت ٿري) هيپاٽائيٽس (سائي) جي بيماري ۾ مبتلا ٿي ويو آهيان ۽ گذريل هڪ مهيني کان بيماري جي بستري تي ستو پيو آهيان. بهتر ۽ صحيح علاج نه ٿيڻ سبب منهنجي زندگي خطري ۾ آهي. ٻئي طرف منهنجي گهر واري(گيتا سنڌي) جيڪا به مون سان گڏ مرداڻه ڪارا ڪپڙا پائي مسلسل احتجاج ڪري رهي آهي. گيتا سنڌي، جيڪا هر مسئلي جو سنجيدگي سان نوٽيس وٺندي آهي. ۳ نومبر ۲۰۰۷ع تي فوجي صدر جنرل پرويز مشرف پاران ملڪ ۾ ايمرجنسي(مارشلا) نافذ ڪرڻ جو اعلان ٻڌندي ئي بيمار ٿي وئي ۽ صدمي ۾ انهي ڏينهن گيتا سنڌي جو حمل به ضايع ٿي ويو.

اسان ٻنهي جو اهو عزم آهي، ته جيستائين پاڪستان ۾ انساني حقن جي بحالي، آئين جي بالادستي ۽ قانون جي حڪمراني قائم نٿي ٿئي، تيستائين اسان جو اهو احتجاج جاري رهندو. پوءِ ڪٿي انهي احتجاج ۾ اسان جي حياتي چو نه ختم ٿي وڃي! آخر ۾ اسان جي اها وصيت آهي ( ۽ پڻ اسان جي اها احتجاجي درخواست رڪارڊ تي رکي وڃي، جيئن وقت سر تي ڪم اچي سگهي) ... ته، مرڻ کان پوءِ اسان ٻنهي کي ڪاري ڪپڙي جو ڪفن ڏنو وڃي ۽ اسان جي فطري موت جي ايف آءِ آر به گورنمينٽ آف پاڪستان جي خلاف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

داخل ڪرائي وجي، پر جيڪڏهن اسان ڪنهن جي هٿان قتل ٿي وڃون، ته به هڪ ايف آءِ آر انهي قاتل جي خلاف جڏهن ته بي ايف آءِ آر پاڪستان سرڪار خلاف داخل ڪئي وڃي، ته به قيمتي انساني زندگيون احتجاج ڪندي ڪندي مري ويون/ضايع ٿي ويون، پر پاڪستان سرڪار کي ڪوبه احساس نه ٿيو. نه پاڪستان ۾ انساني حقن جي بحالي ٿي، نه آئين جي بالادستي قائم ٿي ۽ نه ئي وري قانون جي حڪمراني!

اسان جو پاڪستان سرڪار کان مطالبو آهي، ته پاڪستان ۾ آئين جي بالادستي ۽ قانون جي حڪمراني قائم ڪئي وڃي. جيئن سستو ۽ سنو انصاف عوام جي درن ۽ دلين تي دستڪ ڏيئي سگهي.(نوٽ) اسان ڪارا ڪپڙا پائڻ کان علاوه پنهنجي جهوپڙي نما گهر تي به گذريل ڪافي عرصي کان وني هڪ ڪارو جهنڊو ٻڌي/ لڳائي ڇڏيو آهي، جيڪو به اسان جي زندگي جي آخري دم تائين پنهنجو احتجاج رڪارڊ ڪرائيندو رهندو.

احتجاج احتجاج احتجاج

تون ڪارا پاءِ ۽ ماتم ڪر
دولت دنيا ُدکي آهي
ماڻهو خوشيون ملهائيندا رهندا
سمجهن ٿا سنسار سُکي آهي

تون ڪارا پاءِ ۽ احتجاج ڪر
دولت دنيا ُدکي آهي
ڪير توکي ڀلو چوندو ڪير توکي بُرو چوندو
هي سنسار سڄو مُکي آهي.

عرضدار
دولت ٿري ۽ گيتا سنڌي
ايڇ آر سي پي ٿرپارڪر

سنڌ

اين آءِ سي نمبر ١-٢٧٥٦٩٢٧-٤٤٣٠١

درخواست/ڪاپي بابت اطلاع:
گورنمينٽ آف پاڪستان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سياسي، سماجي ۽ سول سوسائٽي جا ادارا
ميڊيا ۽ عدليه
تاريخ: اربع ۵ ڊسمبر ۲۰۰۷ع
ايڊريس: دولت ٽري پوسٽ آفيس چيلهار واي منٺي ٿرپارڪر سنڌ پوسٽ ڪوڊ ٦٩٢٣١

مذڪوره درخواست مختلف ادارن ڏانهن موڪلڻ کان پوءِ صرف انچارج ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج ٿرپارڪر (مٺي) ظهير احمد جٽ انهي درخواست جو نوٽيس ورتو ۽ سول سرجن مٺي کي حڪم ڏنو، ته چيلهار ۾ دولت ٽري جي گهر وڃي، سندس علاج ڪري مون کي جلدازجلد رپورٽ ڏني وڃي. عدالت جي اهڙي حڪم بعد سول اسپتال مٺي جي ڊاڪٽر چمن لال جي اڳواڻي ۾ هڪ ٽيم ۱۴ ڊسمبر تي چيلهار ۾ اسان جي گهر اچي دولت ٽري سميت اسان سڀني گهر وارن جو طبي معائنو ڪيو ۽ دوائن ٽڪين جو ڪورس پڻ ڏنو.

اسان جي هن احتجاج جي وڏيڪ توهان کي ڄاڻ ڏيندي هلان ته منهنجي ور دولت ٽري پنهنجي لاءِ ڪارو ڪفن مرڻ کان اڳ ۾ آڳاٽو سومر پهرين جنوري ۲۰۰۷ع تي وٺي رکي ڇڏيو آهي. شهر چيلهار ۾ سيٺ ڪجوروءمل مهيشوري جي دڪان تان ڏينهن جو هڪ لڳي ۱۰ منٽن تي ورتل ڪارو ڪفن سدائين دولت ٽري جي ڪاري ٿيلهي ۾ ۽ پاڻ سان گڏ هوندو آهي، جڏهن ته مون کي پنهنجي لاءِ ڪارو ڪفن اجان باقي وٺڻو آهي. اڄ به اسان جو اهو عهد آهي، ته اسان ٻنهي مان جيڪو به اڳ مرندو، هڪ ٻئي جي وصيت تي سختي سان عمل ڪندو ضرور ڪنداسين. جڏهن ته اسان ٻئي ڄڻا مسلسل احتجاج ڪرڻ کان پوءِ حد کان وڌيڪ ڪمزور ضرور ٿي ويا آهيون.

منهنجي حسن تي هر ڪنهن گيت لکيا
پر حقن لاءِ ڪنهن نه گهڙي بکيا
مان عورت ازل کان مظلوم آهيان
چڙهي چاهت منهنجي روز چڪيا
براري جو حق پلا آيو ڪٿان؟!
مون جيئري جُڳن کان درد پيتيا
چون ست قرآن تا مون کي نياٽي
پر آزاديءَ لاءِ منهنجا ساهه سڪيا
تي ڪاري ڪُسجان هت آئون روزانو
مردن سي هٿ منهنجا سڀ ڪپيا
ڍگها برقعا منهنجي بدن تي ويڙهيل
ڪڏهن هار سينگار نه مون ڪرڻ سڪيا
اڄ به ڪوٺن ۾ آئون قيد آهيان
آزاديءَ خواب نه منهنجي اکين تڪيا
تين خون معاف منهنجي ميڙ تي
پر تڪن تي مردن برابر ننگ وڪيا
ڪڏهن ڪنهن نه مون سان انصاف ڪيو
قانوني ادارن قتن تي لوڻ ٻرڪيا
"دولت" ديوارن کي واسطا ڏنا مون
جڏهن جنم يومي متي منهنجا پاڳ ڦٽيا

(دولت ٺري)

ڪارا برقعا ۽ پردن جي دنيا
عورت نه پر مردن جي دنيا
برابريءَ جو باب ويو بند ٿي آهه
رِڳو قرآن، گيتا ۽ وردن جي دنيا
ٿي روز ڪچي مليرَ مان مارئي
عمر جي غيرت ۽ گردن جي دنيا
بهارن جون خوشيون لُٽي ڇڏيون
پيلن پتن ۽ زردن جي دنيا
وينو "دولت" هاٿي درد پٽي
ڪارا ڪپڙا ۽ دردن جي دنيا

(دولت ٿري)

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

# The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙھندڙ نَسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪـو بـہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهـڙي دعوىٰ ڪري ٿـو تـہ پَـڪَ ڄاڻو تـہ اُهـو ڪُـوڙو آهـي. نـہ ئي وري پَـنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪـڏهن ڪـو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻـن جا پَـنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهـن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهنـدڙ، سُست ۽ پڙهنـدڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهنـدڙ بـہ ٿـي سـگهن ٿـا. بيـن لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ ٽالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نـہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تـہ پَـنَ جا سڀ ڪَـم ڪـار سَـهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پـر ممڪـن آهـي تـہ ڪـي ڪـم اُجرتـي بنيـادن تـي بـہ ٿِيـن. اهـڙي حالت ۾ پَـنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَـرڻ جـي اُصـولَ هيـٺ ڏي وَٺُ ڪنـدا ۽ غيرتجـارتي -non commercial رهنـدا. پَـنَـ پـاران ڪتـابن ڪـي ڊِجيٽـائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪـو بـہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪـرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن ڪي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پـو ٻيـو اهـم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪـڏهن ڪـو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَـنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ باروڊَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَمر- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَرَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَرَ جو ساٿي آ-

اِن حسابَ سان اٽڪاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڙهڻ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڙهَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَڙهَ سيني کي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

**توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.**

ڻ وڻ کي مون ياکڙي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

**The Reading Generation پَڙهندڙ نَسُل . پَ نَ**